آن لائين

ڪاوش

دنيا


آچر 21 جون 2026ع

www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya


# شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو 73هون جنم ڏينهن مبارڪ



# ’سر ڪيڏارو‘ جيڪو شاهه سائينءَ پنهنجي عمر جي آخري ڏهاڙن ۾ لکيو



Photography: Khuda Bux Abro

طارق عزيز شيخ



سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي رسالي ۾ ڪيترن ئي انساني، سماجي ۽ روحاني موضوعن تي شاعري ڪري انهن کي امر بڻايو آهي. انهن مان ”سر ڪيڏارو“ پڻ سندن هڪ اهڙو شاهڪار سُر آهي، جنهن ۾ ڪربلا جي عظيم واقعي کي نہ رڳو تاريخي حيثيت سان بيان ڪيو ويو آهي، پر ان کي حق ۽ باطل جي دائمي جنگ جي علامت بہ بڻايو ويو آهي.

محققن جو خيال آهي تہ ”سر ڪيڏارو“ شاهه صاحب پنهنجي زندگيءَ جي آخري دور ۾ چيو ۽ ان کان پوءِ جلد ئي سندن وصال ٿيو. روايتن موجب شاهه لطيف جي دل ۾ ڪربلا جي زيارت جي خواهش هئي. جڏهن هنن اِن سفر جي تياري ڪئي تہ فقيرن سندن جسماني ضعيفيءَ جي لحاظ کان کين اهڙي ڊگهي سفر تي نہ وڃڻ جي صلاح ڏني، جا شاهه صاحب قبول ڪئي. ان بعد هو محرم جي ڏينهن ۾ ڪارو لباس پهري امام حسين عليہ السلام ۽ ڪربلا جي ٻين شهيدنِ جي ياد ۾ مجلسون منعقد ڪرائيندا رهيا. انهيءَ عقيدت ۽ محبت جو عڪس سندن ”سر ڪيڏاري“ ۾ نمايان نظر اچي ٿو.

محققن جو خيال آهي تہ ”سر ڪيڏارو“ شاهه صاحب پنهنجي زندگيءَ جي آخري دور ۾ چيو ۽ ان کان پوءِ جلد ئي سندن وصال ٿيو. روايتن موجب شاهه لطيف جي دل ۾ ڪربلا جي زيارت جي خواهش هئي. جڏهن هنن اِن سفر جي تياري ڪئي تہ فقيرن سندن جسماني ضعيفيءَ جي لحاظ کان کين اهڙي ڊگهي سفر تي نہ وڃڻ جي صلاح ڏني، جا شاهه صاحب قبول ڪئي. ان بعد هو محرم جي ڏينهن ۾ ڪارو لباس پهري امام حسين عليہ السلام ۽ ڪربلا جي ٻين شهيدنِ جي ياد ۾ مجلسون منعقد ڪرائيندا رهيا.

شاهه لطيف جو اهو سر سنڌي ادب ۾ رزميہ شاعريءَ جو اعليٰ مثال آهي، جنهن ۾ جنگ، بهادري، قرباني ۽ حق لاءِ سر ڏيڻ جي جذبي کي نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت اهو سنڌي مرثيي جو بہ هڪ بهترين نمونو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

”محرم موٽي آئيو، آيا تان نہ امام،
مديني جا ڄام، مولا مون کي ميڙئين.“

”سر ڪيڏاري“ ۾ 6 داستان، 73 بيت ۽ 6 وايون ڏنل آهن. جيتوڻيڪ ان جو موضوع ”ڪربلا“ آهي، پر شاهه لطيف جي فڪر جي وسعت اهڙي آهي، جو هر دور جو پڙهندڙ ان مان پنهنجي زماني جا سوال ۽ جواب ڳولي ٿو. اڄ بہ جڏهن ظلم، جبر ۽ ناانصافيءَ جون خبرون سامهون اچن ٿيون تہ ڪيڏاري جا بيت نئين معنيٰ سان سامهون اچن ٿا.

شاهه لطيف وٽ يزيد رڳو هڪ دؤر جي شخصيت نہ، پر اها هر نئين دور جي ظلم، جبر ۽ آمريت جي علامت آهي، جڏهن تہ حضرت امام حسين عليہ السلام جن حق، سچائي ۽ مظلوميت جي علامت بڻجي سامهون اچن ٿا. انهيءَ ڪري هر دور ۾ ظالم کي يزيد سان ۽ مظلوم کي حسينيت سان ڀيٽيو ويندو رهيو آهي.

لطيف سائين فرمائي ٿو:

”گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا.“

اهو بيت رڳو ڪربلا جي شهيدن لاءِ نہ، پر انهن سڀني بهادر انسانن لاءِ آهي، جن ظلم آڏو ڪنڌ نہ جهڪايو. سنڌ جي تاريخ بہ اهڙن ڪردارن سان ڀري پيئي آهي، جن ۾ مخدوم بلاول، شاهه عنايت شهيد، دولهہ دريا خان ۽ ٻين سورمن جا نقش نمايان آهن. شاهه لطيف جي نظر ۾ حق جي راهہ ۾ پوئتي هٽڻ سورهيائي نہ آهي. سندن نظر ۾ بهادر اهو آهي، جيڪو سچ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هجي، جيئن سر ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي جنگ جو منظر نهايت جاندار انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي:

”ڪربلا جي پِڙ ۾، خيما کوڙِيائون،
جهيڙو يزيد سَامهون، جنبي جوڙِيائون،
منهن نہ موڙِيائون، پسي تاءُ ترار جو.“

”ڪيڏارو“ لفظ جي لغوي معنيٰ ”جنگ“ ۽ ”ويڙهہ“ جو ميدان آهي. محققن موجب اهو هندي راڳڻي ”ڪيدارا“ مان نڪتل آهي، جنهن کي شاهه لطيف سنڌي رنگ ڏئي رزميہ شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو. ڀٽائي سائينءَ ڪربلا جي واقعي کي اهڙي فني مهارت سان پيش ڪيو آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي انهيءَ ميدان جو شاهد محسوس ڪري ٿو. شاهه لطيف جن ڪوفي جي ماڻهن جي بي وفائيءَ جو بہ ذڪر ڪندي چون ٿا:

”ڪوفين قهر ڪيو، ٿيا جماتي يزيد سين،
پليتن کي پِڙَ ۾، ورنهہ ور پيو،
سڏر هون سِهو، شير شهادت رسيو.“

اهو بيت انساني فطرت جي هڪ تلخ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ڏسو انهن ٽن سٽن ۾ شاهه سائينءَ ڪيڏي وڏي منظرنگاري ڪئي آهي، جو تاريخ جو سڄو واقعو اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. هُنن ڪوفين کي پليت سڏيو آهي، انهن کي پليت ۽ ڪافر ڪوٺيو آهي. هُو يزيد جا ساٿي بڻجي پيا ۽ حضرت امام حسين ع جن سان وڏي بي وفائي ۽ ظلم ڪيائون. انهن حضرت امام حسين ع جن کي دعوتون ڏئي سڏايو، پوءِ هُو پنهنجو واعدو ٽوڙي يزيد جي جماعت ۽ لشڪر ۾ شامل ٿي ويا. پليتن وچ پِڙَ ۾، ميدان ۾، ور کي يعني بهادر کي، حضرت امام حسين ع جن کي گهيَري ۾ آڻي ڇڏيو.

”سڏر هون سهو، شير شهادت رسيو“ مان مراد آهي تہ حضرت امام حسين ع جن جو ارادو مضبوط هو ۽ هو ثابت قدم هئا. هو بهادر شينهن وانگر شهادت جي بلند مرتبي تي پهتا.

اقتدار جي لالچ ۾ ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن حق جو ساٿ ڇڏي باطل سان گڏ بيهي رهندا آهن. شاهه صاحب حضرت امام حسين عليہ السلام جن جي شخصيت کي نهايت عقيدت سان پيش ڪيو آهي.

سر ڪيڏاري جا بيت پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ شاهه لطيف جن فقط شاعر نہ، پر دردمند عاشق آهن، جيڪي اهل بيت سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪري رهيا آهن. شاهه لطيف جي نظر ۾ سورهيائيءَ جو اصل مفهوم حق جي راهہ ۾ جدوجهد آهي:

”سورهيہ! مرين سوپ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿين.“

ڪربلا جي واقعي کان پوءِ حضرت بيبي زينب عليها السلام جن جي جرئت ۽ استقامت بہ تاريخ جو هڪ روشن باب آهي. انهن يزيد جي درٻار ۾ حق جو آواز بلند ڪيو ۽ دنيا کي ٻڌايو تہ ظلم عارضي آهي، جڏهن تہ سچ هميشہ زندهہ رهندو.

شاهه لطيف سر ڪيڏاري وسيلي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ مظلوم جو ساٿ ڏيڻ ۽ ظالم جي مخالفت ڪرڻ انسانيت جو بنيادي فرض آهي. اڄ جي سماج ۾ بہ جڏهن ناانصافيون، دهشتگردي، اغوا، قبيلائي جهيڙا ۽ مختلف صورتن ۾ ظلم موجود آهن، تڏهن سر ڪيڏارو اسان لاءِ اخلاقي ۽ سماجي رهنمائيءَ جو سرچشمو بڻجي سگهي ٿو. شاهه صاحب جن فرمائين ٿا:

”ڪڪرا ڪربلا جا، مادر ٿي ميڙياس،
ڦٽن تان رت ڦڙا، عليءَ ٿي اگهياس،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.“

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن ڪربلا کي اهڙي فني ڪمال سان پيش ڪيو آهي، جو محسوس ٿئي ٿو ڄڻ اهو واقعو سندن اکين اڳيان پيش آيو هجي. ■

# شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 73 هين سالگره مبارڪ



شهيد محترمه بينظير ڀٽو هميشه ڊرائيونگ سيٽ تي ئي رهي. سياست هجي، حڪومت هجي، مخالف ڌر هجي، جدوجهد هجي يا ڪو اتحاد. دنيا جي وڏن اڳواڻن مان هڪ ليڪجنڊ بينظير ڀٽو صاحبه اڳواڻيءَ واروئي ڪردار ادا ڪيو. ۽ پنهنجي تدبر، ڏاهپ، اڳواڻيءَ وارين صلاحيتن، سيني ڪي گڏ ڪٽي هلڻ واري قابليت ۽ بهادريءَ ڪيس، خاص طور پاڪستان جي هر علائقي ۾ ايتري قبوليت ڏياري جو، جو جتي به ويئي، هجوم ٺاهي آئي، جتي به ڳالهايائين، ماڻهن جون دليون کٽيائين ۽ جنهن به جدوجهد ۾ شامل رهي، ان ڪي ڪاميابي ڏياريائين.

اُن عظيم اڳواڻ جو اڄ، 21 جون تي 73 هون جنم ڏينهن آهي، جيڪو سندس غيرموجودگيءَ ۾ ملهايو ويندو. چاڪاڻ جو کيس 27 ڊسمبر 2007 جي رات جو راتاهو هڻي شهيد ڪيو ويو هو. پاڪستان سان گڏ دنيا جي هن عظيم جمهوريت پسند اڳواڻ جي شهادت سان ملڪ جي اندر حقيقي عوام دوست اڳواڻ جي جيڪا کوٽ پيدا ٿي، سا 19 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ به پرجي ناهي سگهي، پر ماڻهن جون اکيون اڃا پريل آهن، ۽ واجهائي رهيا آهن، ته متان، ڪٿان ڪا ملڪ جي هيءَ مارئي اچي، ۽ سندن سار لهي، پرجهلي ٿئي، ڪين آٿت ڏئي، سندس تڪليفون، اهنج، ۽ ڏک ختم ڪري، جيڪي سندس وڃي ڪان پوءِ تمام گهڻا وڌي ويا آهن.

بهرحال اڄ محترمه بينظير ڀٽو جو جنم ڏينهن آهي، جيڪو خوشيءَ جو ڏينهن آهي، انڪري ته هن ملڪ جي عوام ڪي هڪ اهڙي اڳواڻ ملي، جا انهن جي درد کان چڱي طرح واقف هئي، انهن جي تڪليفن کي سمجهندي هئي ۽ انهن جي ڏکن کي پنهنجو ڏک سمجهي، هر فورم تي انهن جي لاءِ لڙندي هئي، تنهن ڪري اڄ سندس وڇوڙي جو ڏک نه، پر سندس جنم ڏينهن ڀرپور طريقي سان ملهائڻ گهرجي ۽ سندس زندگي ۽ جدوجهد جي انهن پاسن تي ڳالهائجي، جيڪي پورهيتن، هارين، مزدورن ۽ عورتن سان سندس پيار، ۽ ڀاڀوهه وارا هئا. ■ — ابو عني

---

# ”جس هجئي او جوڏي ڀيڻ“

**فقير محمد سنڌي**

سنڌ جي عوامي شاعر سرويچ سجاولي شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي خراجِ تحسين پيش ڪندي لکيو آهي ته:

”جمهوريت لاءِ جيڪي وڙهندا، تن جي آهين تون اڳواڻ،
صدين تائين جيئري هوندينءَ، سالارن جي تون سرواڻ،
تنهنجو نانءُ ونڻ سان وسرن، ويس وڳا ۽ ڪاڏا ڪيڻ،
جس هجئي او مارئي ڀاڳهي، جس هجئي او جوڏي ڀيڻ“

اهو شعر شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سڄي سياسي شخصيت جو نچوڙ آهي. هوءَ واقعي به جمهوريت جي ڪاروان جي اڳواڻ هئي، جنهن پنهنجي جان به انهيءَ راهه ۾ قربان ڪئي.

بينظير ڀٽو 21 جون 1953 ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي. سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي مشهور سياسي اڳواڻن مان هڪ هو. بينظير هارورڊ يونيورسٽي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي جهڙن عالمي ادارن مان تعليم حاصل ڪئي. هن لاءِ دنيا جي اعليٰ زندگيءَ جا سڀ در کليل هئا، پر هن پنهنجي قوم جي خدمت جو رستو اختيار ڪيو.

شاهه لطيف جي مارئيءَ وانگر هيءَ ڪڏهن به ڪنهن ظلم ۽ جبر آڏو نه جهڪي. شاهه لطيف جي مارئي وانگر هر تڪليف جي باوجود پنهنجي ماروئڙن کي نه وساري سگهي۽ پنهنجي عوام سان وفادار رهي. شاهه لطيف فرمائي ٿو:

اَلَستُ بِرَبِڪُم، جَڏهِن ڪَنِ پيَومِ،
قَالُو بَلَيٰ قَلبَ سِين، تَڏهِن تِتِ چَيَومِ،
تِهين وِيرَ ڪِيومِ، وَچَنُ وِيڙِهيچَنِ سِين.

1988 ع ۾ اسلامي دنيا جي پهرين چونديل عورت وزيراعظم جو اعزاز حاصل ڪندڙ بينظير ڀٽو 1993 ع ۾ ٻيهر ملڪ جي وزيراعظم بڻي ۽ وڏين رڪاوٽن باوجود هن پنهنجي ويڙهيچن سان ڪيل وچن پاڙڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. ■

# سنڌ جي کوٽ واري بجيٽ

الهہ بخش راٺوڙ


سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ 17 جون 2026ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ سنڌ جي مالي سال 27_2026 جي بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي نئين مالي سال 2026_27 جي بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي، پر هن پيري بجيٽ دستاويزن کي پڙهڻ ڪانپوءِ ڪيترائي مالي جهول نظر اچن ٿا. اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ بجيٽ 300 ارب رپين جي کوٽ واري آهي، ان جي باوجود وفاق کي جوڳي رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري سنڌ ۾ ڪابہ نئين رٿا شروع نہ ڪئي ويندي. رڳو هلندڙ رٿائن کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. 3525 ارب رپين جي نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ سڀ کان گهڻي مايوسي سرڪاري ملازمن کي ٿي آهي، جن جي پگهار ۽ پينشن جي مد ۾ 7 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ڪراچي شهر جي 800 کان وڌيڪ رٿائن لاءِ 108 ارب رپيا رکيا ويا آهن. هن پيري ساليانو ترقياتي پروگرام، جيڪو 706 ارب رپين تائين پهتل آهي، پر وفاق کي جوڳي رقم ڏيڻ ڪانپوءِ اها رقم 400 ارب رپين تائين مس بچندي.

سنڌ حڪومت جو چوڻ آهي تہ وفاقي حڪومت ۽ صوبن ۾ مالي گنجائش ۽ ترقياتي خرچن جي حوالي سان صلاح مشوري ڪانپوءِ ڪيترين ئي ترقياتي رٿائن تي رقم ۾ گهٽتائي ڪئي وئي آهي. سنڌ حڪومت توڙي جو بجيٽ کي ترقياتي ۽ عوام دوست قرار ڏئي رهي آهي، پر هن بجيٽ تي ڪيترائي سياسي، مالي ۽ انتظامي سوال اٿاريا پيا وڃن. بجيٽ ۾ اهو بہ اعتراف ڪيو ويو آهي تہ، هلندڙ مالي سال دوران 52 ارب رپيا ٽيڪس جي مد ۾ گهٽ اوڳاڙيا ويا، جڏهن تہ سنڌ ڏيهي ۽ پرڏيهي قرض تي وياج جي مد ۾ 54 ارب 25 ڪروڙ رپيا رکيا آهن.

وڏي وزير بجيٽ ڪانپوءِ پريس ڪانفرنس ۾ تسليم ڪيو تہ سنڌ حڪومت تي مالي دٻاءُ موجود آهي، ان جي باوجود وفاق کان صوبن کي ملندڙ رقم گهٽائي وئي آهي، جنهن سان خاص ڪري سنڌ جي مالي خودمختياريءَ جون دعوائون ڪمزور ٿي وينديون. سنڌ جي آمدنيءَ جو وڏو حصو اين ايف سي ايوارڊ ۽ وفاقي منتقلين مان اچي ٿو. هلندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ وفاق 441 ارب رپيا سنڌ کي نہ ڏنا، جنهن سبب سنڌ کي ڪيترن ئي مدن ۾ ڪٽوتي ڪرڻي پئي. 18هين ترميم ڪانپوءِ جيڪي فائدا مليا، هاڻ اهي سمورا ريورس ٿي رهيا آهن.

> بجيٽ ۾ ملازمن جي پگهار ۾ 7 سيڪڙو واڌ جو ذڪر موجود آهي، ۽ گهٽ ۾ گهٽ پگهار بہ 37 مان وڌائي 43 هزار رپيا ماهوار ڪئي وئي آهي. هلندڙ مالي سال دوران 52 ارب رپيا ٽيڪس جي مد ۾ گهٽ اوڳاڙيا ويا، جڏهن تہ سنڌ ڏيهي ۽ پرڏيهي قرض تي وياج جي مد ۾ 54 ارب 25 ڪروڙ رپيا رکيا آهن.

هاڻ اهو سوال بہ اٿاريو پيو وڃي تہ، سنڌ حڪومت 300 ارب رپين جي مالي کوٽ ظاهر ڪئي آهي، تہ سوال اهو آهي تہ وفاق جي مالي مدد ڪٿان ڪئي ويندي؟ بجيٽ ۾ ملازمن جي پگهار ۾ 7 سيڪڙو واڌ جو ذڪر موجود آهي، ۽ گهٽ ۾ گهٽ پگهار بہ 37 مان وڌائي 43 هزار رپيا ماهوار ڪئي وئي آهي. سنڌ جنهن اضافي جي ڳالهہ ڪئي آهي، خانگي شعبو پهريان ئي ان تي عمل نہ ڪري رهيو آهي، انڪري سنڌ حڪومت جي اعلان کي سڪٽو آسرو سمجهيو پيو وڃي.

اهي بہ خبرون آيون آهن تہ سنڌ حڪومت پنهنجن وسيلن مان 260 ارب رپيا وفاق کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پر امڪان اهو آهي تہ وفاقي ورچ جوڳي پول مان ان کان بہ وڌيڪ رقم روڪي ويندي.

سنڌ حڪومت جي بجيٽ دستاويزن مطابق نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ يونيورسٽيز ۽ بورڊز لاءِ اٽڪل 3.2 ارب رپين جون گرانٽس اِن ايڊ رکيون ويون آهن، جڏهن تہ اعليٰ تعليم ۽ يونيورسٽين لاءِ مجموعي طور تي رکيل رقم ۾ 72.75 ارب رپيا شامل ڪيا ويا آهن، جيڪا رقم سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، ترقياتي رٿائن ۽ يونيورسٽين جي مدد لاءِ موجود هوندي. بجيٽ دستاويزن ۾ جيڪي تفصيل ڏنا ويا آهن، انهن مطابق حڪومت سنڌ يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي، اين اِي ڊي يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي، قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ، سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي، لياقت يونيورسٽي، جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي، سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ، سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي، بينظير ڀٽو يونيورسٽي لياري ۽ ٻين کي امداد ۽ گرانٽس فراهم ڪندي آهي.

هاڻي جيڪڏهن سنڌ حڪومت 260 ارب رپيا وفاق کي ڏيندي تہ ڇا ان جو اثر اعليٰ تعليم، يونيورسٽين جي گرانٽس ۽ پگهارن تي نہ پوندو؟ هينئر يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هلندڙ مالي سال جي پيٽ ۾ نئين مالي سال جي بجيٽ ۾ يونيورسٽين کي گهربل رقم نہ ملي سگهندي.

سنڌ حڪومت جو چوڻ آهي تہ نئين مالي سال دوران 612 ارب رپيا رڳو تعليم تي خرچ ڪيا ويندا، پر سنڌ جي يونيورسٽين جي حوالي سان هڪ ٻي ڳالهہ بہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ، هينئر سنڌ جي 15 وڏين سرڪاري يونيورسٽين جي مالي حالت خراب آهي. اهي يونيورسٽيون مالي کوٽ، پينشن جي ادائيگي بہ حڪومتي گرانٽس ذريعي پوري ڪن ٿيون. يونيورسٽين کي پيش ايندڙ سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي تہ انهن جي آمدني جا ذريعا محدود آهن. يونيورسٽيون پنهنجي آمدنيءَ جو وڏو حصو پگهارن، پينشن ۽ انتظامي خرچن تي صرف ڪن ٿيون، جنهن سبب تحقيق، ليبارٽيريون، لائبريريون ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ وسيلا محدود رهجي وڃن ٿا.

هن پيري صحت جي شعبي لاءِ 334 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جيڪا رقم ضلعي اسپتالن ۽ تعلقي اسپتالن جي بهتري، ماءُ ۽ ٻار جي صحت جا پروگرام، دوائن ۽ طبي سامان جي فراهمي، وڏين اسپتالن جي مدد، جن ۾ ايس آءِ يو ٽي ۽ اين آءِ سي وي ڊي جهڙا ادارا شامل آهن. اهو بہ تاثر ڏنو پيو وڃي تہ، اين آءِ سي وي ڊي ۾ مريضن کي جنهن قسم جون سهولتون ملي رهيون هيون، انهن ۾ مالي کوٽ ۽ ڪرپشن جي ڪري ڪٽوتي ڪئي وئي آهي، خاص ڪري فارميسي جو شعبو انتهائي خراب حالت ۾ موجود آهي، جتان مريضن کي دوائون نٿيون ملن.

جيڪڏهن مجموعي طور تي نئين مالي سال جي بجيٽ کي ڏٺو وڃي تہ، ان ۾ توڙي جو ڪو نئون ٽيڪس شامل نہ ڪيو ويو آهي، پر مالي کوٽ واضح طور تي نظر اچي رهي آهي. سنڌ ۾ 20 سال اڳ اسٽيٽ بينڪ جو اوور ڊرافٽ هو، انڪري ملازمن جي پگهارن جا پئسا بہ بينڪن کان اوڌر وٺي ادا ڪيا ويندا هئا. پر هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر ماضي جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. جيڪڏهن اها صورتحال برقرار رهي ٿي تہ حڪومت جن شعبن خاص ڪري صحت جي شعبي کي ماڊل ڪري پيش ڪري رهي آهي، اهو خواب بہ اڌورو رهجي ويندو.

اهڙي صورتحال جي باوجود سنڌ حڪومت آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان کي بہ گرانٽس ۽ بلوچستان سميت ٻين صوبن ۾ اين آءِ سي وي ڊي جو چار وچائڻ لاءِ رقم رکي آهي. جيڪڏهن موجوده معاشي صورتحال کي بهتر نہ بڻايو ويو تہ غربت جي ماريل هن صوبي جي حالت وڌيڪ خراب ٿي ويندي. اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سموري ملڪ ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ شهرين ۾ سنڌ پهرين نمبر تي آهي. ■

**سائبر سيڪيورٽي جي پروفيشنل جي ناتي مون کي خبر آهي تہ ننڍڙي سيڪيورٽي خامي بہ ڪڏهن ڪڏهن لکين ماڻهن جي ڊيٽا کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي. ان ڪري جڏهن مون پڙهيو تہ هڪ اي آءِ ماڊل هزارين حفاظتي خاميون ڳولي سگهي ٿو تہ، مون کي احساس ٿيو تہ اسان ٽيڪنالاجيءَ جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيا آهيون.**

# اينٿروپڪ جو اي آءِ ماڊل مائٿوس: سائبر سيڪيورٽي لاءِ نعمت يا نئون خطرو ؟

علي جويو (نسيم)



گذريل ڪجهہ سالن دوران هٿرادو ذهانت (Artificial Intelligence)جي ترقي حيران ڪندڙ رفتار سان ٿي آهي. جيڪو ڪم اڳ انسانن کي ڪلاڪن، ڏينهن يا مهينن ۾ ڪرڻو پوندو هو، اهو هاڻي اي آءِ چند منٽن يا سيڪندن ۾ ڪري سگهي ٿي. چيٽ جِي پي ٽِي (ChatGPT)، ڪوپلاٽ (Copilot)، ڪلائوڊ (Claude)۽ جيمني (Gemini)جهڙا ٽولز روزمره جي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪا آهن، پر تازو هڪ نئون هٿرادو ذهانت جو ماڊل مائٿوس (Mythos)خبرن جو مرڪز بڻجي ويو آهي، جنهن بابت دنيا جي سائبر سيڪيورٽي جي ماهرن ۾ بحث ۽ ڳڻتي پيدا ٿي پئي آهي.

مائٿوس کي آمريڪي مصنوعي ذهانت جي ڪمپني اينٿروپڪ (Anthropic)تيار ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي مشهور اَي آءِ اسسٽنٽ Claudeجي ڪري سڃاتي وڃي ٿي. رپورٽن موجب اينٿروپڪ پاڻ اعلان ڪيو تہ هو ان ماڊل کي عام ماڻهن لاءِ جاري ڪرڻ جو ارادو نٿا رکن، ڇاڪاڻ تہ ان جون صلاحيتون ايتريون طاقتور آهن جو غلط هٿن ۾ وڃڻ جي صورت ۾ عالمي سائبر سيڪيورٽي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو.

جڏهن مون پهريون ڀيرو مائٿوس بابت خبر پڙهي تہ مون کي حيرت بہ ٿي ۽ ٿوري ڳڻتي بہ محسوس ٿي. سائبر سيڪيورٽي جي پروفيشنل جي ناتي مون کي خبر آهي تہ ننڍڙي سيڪيورٽي خامي بہ ڪڏهن ڪڏهن لکين ماڻهن جي ڊيٽا کي خطري ۾ وجهي سگهي

مائٿوس کي آمريڪي مصنوعي ذهانت جي ڪمپني اينٿروپڪ (Anthropic)تيار ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي مشهور اَي آءِ اسسٽنٽ Claudeجي ڪري سڃاتي وڃي ٿي. رپورٽن موجب اينٿروپڪ پاڻ اعلان ڪيو تہ هو ان ماڊل کي عام ماڻهن لاءِ جاري ڪرڻ جو ارادو نٿا رکن، ڇاڪاڻ تہ ان جون صلاحيتون ايتريون طاقتور آهن جو غلط هٿن ۾ وڃڻ جي صورت ۾ عالمي سائبر سيڪيورٽي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو.

ٿي. ان ڪري جڏهن مون پڙهيو تہ هڪ اَي آءِ ماڊل هزارين حفاظتي خاميون ڳولي سگهي ٿو تہ، مون کي احساس ٿيو تہ اسان ٽيڪنالاجيءَ جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيا آهيون.

### مائٿوس آخرڇا ڪري سگهي ٿو؟

عام ماڻهو شايد سوچين تہ، اَي آءِ صرف سوالن جا جواب ڏئي سگهي ٿي يا مضمون لکي سگهي ٿي، پر مائٿوس ان کان گهڻو اڳتي آهي. رپورٽن موجب هي ماڊل ڪمپيوٽر سسٽمز، ايپليڪيشنن ۽ سافٽ ويئرس جو تفصيلي جائزو وٺي انهن ۾ موجود حفاظتي خاميون ڳولي سگهي ٿو.

سائبر سيڪيورٽي جي دنيا ۾ انهن خامين کي Vulnerabilitiesچيو ويندو آهي. هي اهي ڪمزوريون هونديون آهن، جن کي هيڪرس استعمال ڪري ڪنهن ڪمپني يا اداري جي سسٽم ۾ داخل ٿي سگهن ٿا. عام طور تي اهڙيون خاميون ڳولڻ لاءِ ماهر سيڪيورٽي انجنيئرن کي گهڻو وقت لڳندو آهي، پر چيو وڃي ٿو تہ مائٿوس اهو ڪم انتهائي تيزي سان ڪري سگهي ٿو.

سادن لفظن ۾ چئجي تہ جيڪڏهن هڪ ماهر کي ڪنهن سافٽ ويئر جي جانچ ۾ هڪ هفتو لڳي، تہ اي آءِ شايد ساڳيو ڪم ڪجهہ ڪلاڪن يا منٽن ۾ مڪمل ڪري سگهي ٿي.

### پوءِ مسئلو ڇا آهي؟

هتان ئي اصل بحث شروع ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪو اي آءِ ماڊل سافٽ ويئر جون ڪمزوريون ڳولي سگهي ٿو تہ اهو سيڪيورٽي لاءِ سٺو ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪمپنيون انهن خامين کي وقت سِر درست ڪري سگهن ٿيون، پر ساڳئي وقت جيڪڏهن اهڙي طاقتور ٽيڪنالاجي غلط ماڻهن جي هٿن ۾ هلي وڃي تہ اها خطري جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

تصور ڪريو تہ هڪ هيڪر وٽ اهڙو اي آءِ ماڊل هجي، جيڪو دنيا جي مختلف سسٽمز ۾ موجود ڪمزورين کي پاڻمرادو ڳولي سگهي. اهڙي صورت ۾ سائبر حملن جي رفتار ۽ پيمانو اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌي سگهي ٿو. انهيءَ سبب ڪيترائي ماهر مائٿوس کي ”ڊبل ايجڊ سورڊ“ يعني ”ٻہ ڌاري تلوار“ قرار ڏئي رهيا آهن. اهو دفاع لاءِ بہ استعمال ٿي سگهي ٿو تہ حملن لاءِ بہ.

### سائبر سيڪيورٽي جي نقط نظر کان مائٿوس

هڪ سائبر سيڪيورٽي جي پروفيشنل جي حيثيت ۾ جڏهن مان ان خبر کي ڏسان ٿو تہ، مون کي ان جا ٻہ پاسا نظر اچن ٿا: مثبت پاسي کان ڏسجي تہ اهڙا اي آءِ ماڊل ادارن کي وڌيڪ محفوظ بڻائي سگهن ٿا. بئنڪون، اسپتالون، يونيورسٽيون ۽ سرڪاري ادارا روزانو هزارين سائبر حملن کي منهن ڏين ٿا. جيڪڏهن اي آءِ انهن کان اڳ ڪمزورين کي ڳولي وٺي تہ ڪيترائي حملا روڪي سگهجن ٿا.

مثال طور جيڪڏهن ڪنهن اسپتال جي سسٽم ۾ اهڙي خامي موجود هجي، جيڪا مريضن جي ڊيٽا کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي، تہ مائٿوس جهڙو اي آءِ ان خامي کي وقت سر سڃاڻي سگهي ٿو. اهڙي طرح نقصان ٿيڻ کان اڳ ئي حفاظتي قدم کڻي سگهجن ٿا.

ٻئي طرف هڪ خطرناڪ حقيقت بہ موجود آهي. سائبر ڏوهاري بہ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندا آهن. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هر نئين ٽيڪنالاجيءَ سان گڏ نوان خطرا بہ پيدا ٿيندا آهن. جيڪڏهن مستقبل ۾ اهڙا اي آءِ ماڊل غير ذميوارانہ ماڻهن تائين پهچي وڃن تہ اهي خودڪار سائبر حملن جو سبب بڻجي سگهن ٿا.



گوگل تان ورتل

### مصنوعي ذهانت ۽ هيڪرز جو مستقبل

ماضي ۾ هيڪرز کي حملن لاءِ وڏي فني مهارت جي ضرورت هوندي هئي. ڪين پروگرامنگ، نيٽ ورڪنگ ۽ آپريٽنگ سسٽمز جي گهري ڄاڻ هجڻ ضروري هئي، پر هاڻي اي آءِ ان رڪاوٽ کي گهٽائي رهي آهي. هڪ گهٽ تجربيڪار فرد بہ اي آءِ جي مدد سان اهڙا ڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪي اڳ صرف ماهر ڪري سگهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو دنيا جا سائبر سيڪيورٽي جا ڪيترائي ادارا اي آءِ کي ايندڙ سالن جو سڀ کان وڏو چئلينج سمجهن ٿا.

منهنجي خيال ۾ مستقبل جا سائبر حملا صرف انسانن طرفان نہ پر اي آءِ ۽ انسان جي گڏيل طاقت سان ٿيندا. ساڳئي وقت دفاع بہ اي آءِ جي مدد سان وڌيڪ مضبوط ٿيندو. مطلب تہ مستقبل ۾ اي آءِ بمقابلہ اي آءِ جي جنگ ڏسڻ ۾ اچي سگهي ٿي.

### ڇا اسان کي اي آءِ کان ڊڄڻ گهرجي؟

منهنجي راءِ ۾ صرف ڊڄڻ حل ناهي. جڏهن انٽرنيٽ آيو هو تہ ماڻهن کي پرائيويسي جا خدشا هئا. جڏهن سوشل ميڊيا آئي تہ غلط معلومات بابت ڳڻتي پيدا ٿي. هاڻي اي آءِ نوان سوال پيدا ڪري رهي آهي. هر نئين ٽيڪنالاجي سان گڏ موقعا ۽ خطرا ٻئي موجود هوندا آهن.

منهنجي خيال ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جهڙن علائقن ۾ بہ ادارن کي هاڻي اي آءِ سان لاڳاپيل سائبر خطرن بابت سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن حملو ڪندڙ اي آءِ جي مدد سان وڌيڪ طاقتور ٿين ٿا، تہ پوءِ دفاع ڪندڙن کي بہ اي آءِ جي مدد وٺڻي پوندي. مستقبل ۾ صرف فائر وال يا اينٽي وائرس ڪافي نہ هوندا، پر ذهين سيڪيورٽي سسٽم بہ ضروري بڻجي ويندا. ■




# سنڌ ۾ تعليم جو ڪِرندڙ معيار: ذميوار ڪير؟

حميده ميربحر



تعليم ڪنهن به قوم جي ترقي، خوشحالي، سماجي شعور، سياسي استحڪام ۽ اقتصادي مضبوطيءَ جو بنياد هوندي آهي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جيڪي قومون تعليم کي اوليت ڏين ٿيون، اهي ئي علم، تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ معيشت جي ميدان ۾ اڳڀريون ٿين ٿيون. جاپان، سنگاپور، فن لينڊ، چين ۽ ڏکڻ ڪوريا جهڙن ملڪن قدرتي وسيلن کان وڌيڪ انساني وسيلن تي ڀروسو ڪيو ۽ معياري تعليم ذريعي پنهنجي عوام کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪيو. ان جي ابتڙ پاڪستان، خاص طور تي سنڌ صوبي ۾، تعليم جو معيار مسلسل زوال پذير رهيو آهي، جنهن جا اثر نه رڳو شاگردن جي علمي قابليتن تي پر پوري سماج جي ترقي تي پڻ پئجي رهيا آهن.

سنڌ ۾ تعليم جي بحران کي رڳو استادن يا شاگردن جي ناڪامي قرار نٿو ڏئي سگهجي. اهو هڪ گهڻ رخو مسئلو آهي، جنهن ۾ تعليمي پاليسيون، امتحاني نظام، والدين جي لاپرواهي، استادن جي تربيت، شاگردن جي غيرحاضري، رشوتخوري، ميرٽ جي لتاڙ، تعليمي بوردن جي ناقص ڪارڪردگي ۽ حڪومتي نگرانيءَ جي کوٽ جهڙا عنصر شامل آهن.

**پرائمري تعليم: ڪمزور بنيادن جو مسئلو**

تعليمي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪنهن به عمارت جي مضبوطي ان جي بنيادن تي دارومدار رکي ٿي. ساڳي طرح تعليم جي ڪاميابي به پرائمري سطح تي ڏنل تعليم سان لاڳاپيل آهي. سنڌ ۾ پهرئين ۽ ٻئي درجي جي شاگردن کي بنا مؤثر امتحان يا تعليمي جائزي جي ايندڙ درجن ۾ ترقي ڏني وڃي ٿي. جيتوڻيڪ ان پاليسي جو مقصد شاگردن تي ذهني دٻاءُ گهٽائڻ آهي، پر عملي طور ان جا منفي نتيجا سامهون آيا آهن. اڄ ڪيترائي شاگرد ٽئين، چوٿين ۽ پنجين درجي تائين پهچڻ باوجود صحيح نموني پڙهڻ، لکڻ يا بنيادي رياضي جا سوال حل ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن. جڏهن بنياد ڪمزور هجي ته شاگرد علم حاصل ڪرڻ بدران صرف امتحان پاس ڪرڻ کي مقصد بڻائي وٺن ٿا.

فِن لينڊ ۾ ابتدائي تعليم دوران ٻارن تي غير ضروري امتحاني بار نٿو وڌو وڃي، پر هر ٻار جي سکيا جو مستقل جائزو ورتو وڃي ٿو. استاد، والدين ۽ اسڪول انتظاميا گڏجي ٻار جي تعليمي ترقي کي يقيني بڻائين ٿا. سنڌ ۾ اهڙي مربوط ۽ نتيجا ڏيندڙ نظام جي کوٽ واضح نظر اچي ٿي.

**نقل: تعليمي ۽ اخلاقي زوال جي علامت**

سنڌ جي تعليمي نظام جو سڀ کان وڏو بحران نقل آهي. نقل صرف امتحاني بدعنواني نه پر هڪ اهڙي ذهنيت جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪا محنت، ايمانداري ۽ قابليت بدران شارٽ ڪٽ کي ترجيح ڏئي ٿو.

هر سال بورڊ جي امتحانن دوران نقل جون وڊيوز، تصويرون ۽ رپورٽون ميڊيا تي گردش ڪنديون رهن ٿيون. امتحاني مرڪزن تي موبائل فون، واٽس ايپ گروپن ۽ ٻاهران سهڪار ذريعي شاگردن کي جواب فراهم ڪيا وڃن ٿا. افسوس جو ڪجهه والدين، سياسي اثر رسوخ رکندڙ شخصيتون ۽ مقامي بااثر حلقا به ان عمل ۾ سهولتڪار بڻجن ٿا.

جاپان، سنگاپور ۽ ڏکڻ ڪوريا جهڙن ملڪن ۾ نقل کي سنگين اخلاقي ڏوهه سمجهيو وڃي ٿو. اتي شاگردن کي ننڍپڻ کان ايمانداري، ذميواري ۽ خود اعتمادي سيکاري ويندي آهي. سنڌ ۾ به نقل جي خاتمي لاءِ قانونن تي سختي سان عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي.

**شاگردن جي غيرحاضري ۽ تعليمي بي رغبتي**

سنڌ جي ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي حاضري هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي. غربت، ٽرانسپورٽ جي کوٽ، ٻارن کان مزدوري ڪرائڻ ۽ سماجي شعور جي گهٽتائي ان صورتحال جا اهم سبب آهن.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته جيڪي شاگرد سڄو سال اسڪولن کان پري رهن ٿا، اهي امتحانن دوران مرڪزن تي ضرور نظر اچن ٿا. ڪيترن وٽ جديد موبائل فون ۽ ٻيون سهولتون موجود هونديون آهن، جيڪي نقل لاءِ استعمال ٿينديون آهن. اهو ظاهر ڪري ٿو ته مسئلو صرف معاشي نه پر ذهني ۽ سماجي پڻ آهي.

**والدين جو ڪردار**

تعليم صرف استاد يا اسڪول جي ذميواري ناهي. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ والدين کي ٻار جي تعليم جو بنيادي ساٿي تصور ڪيو ويندو آهي. چين ۽ سنگاپور ۾ والدين اسڪولن سان مسلسل رابطي ۾ رهندا آهن، ٻارن جي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکندا آهن ۽ سندن تعليمي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺندا آهن. سنڌ ۾ والدين صرف ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ کي ئي پنهنجي ذميواري سمجهن ٿا، جڏهن ته روزاني حاضري، هوم ورڪ ۽ تعليمي ترقي تي گهٽ ڌيان ڏين ٿا.

**مفت تعليم: حق سان گڏ ذميواري به**

پاڪستان جو آئين هر ٻار کي مفت ۽ لازمي تعليم جو حق ڏئي ٿو، جيڪو هڪ اهم ۽ قابل تعريف قدم آهي، پر جڏهن مفت تعليم سان جوابدهي ۽ نگراني جو مضبوط نظام شامل نه هجي ته ان جا منفي اثر به پيدا ٿين ٿا. خانگي اسڪولن ۾ والدين فيون ادا ڪرڻ سبب ٻارن جي تعليم بابت وڌيڪ حساس هوندا آهن، جڏهن ته ڪيترن سرڪاري ادارن ۾ والدين ۽ شاگرد تعليم کي گهربل اهميت نٿا ڏين. مسئلو مفت تعليم نه، پر ذميواري ۽ احتساب جي کوٽ آهي.

**استادن جي تربيت ۽ پيشاورانه ترقي**

استاد ڪنهن به تعليمي نظام جو مرڪزي ڪردار هوندو آهي. جديد دنيا ۾ استاد صرف ڪتابي معلومات منتقل ڪندڙ نه، پر سکيا جو رهنما، محقق ۽ تربيت ڏيندڙ به هوندو آهي.

فِن لينڊ ۾ استاد ٿيڻ لاءِ اعليٰ تعليمي قابليت لازمي آهي، جڏهن ته چين ۽ سنگاپور ۾ استادن جي مسلسل تربيت قومي ترجيحن ۾ شامل آهي. سنڌ ۾ استادن جي تربيت جا ڪيترائي پروگرام محدود، غير منظم ۽ رسمي نوعيت جا هوندا آهن. نتيجي طور ڪيترائي استاد جديد تدريس، ڊجيٽل سکيا ۽ تحقيق تي ٻڌل تعليمي طريقن کان پوري طرح واقف ناهن.

**رشوتخوري، ميرٽ جي لتاڙ ۽ پنهنجا نواز پاليسيون**

سنڌ جي تعليمي نظام کي درپيش هڪ انتهائي سنگين مسئلو رشوتخوري، سفارش، ميرٽ جي لتاڙ ۽ پنهنجا نواز پاليسيون آهن. جڏهن استادن جون ڀرتيون، انتظامي مقرريون، داخلا يا امتحاني معاملا قابليت بدران ذاتي تعلقن، سياسي اثر رسوخ يا مالي مفادن جي بنياد تي ٿيندا آهن ته تعليمي ادارن جو معيار متاثر ٿيندو آهي.

اسڪولن کان وٺي ڪاليجن، يونيورسٽين، تعليمي بوردن ۽ ٻين ادارن تائين اهڙيون شڪايتون عام ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. نتيجي طور باصلاحيت شاگرد ۽ استاد مايوسيءَ جو شڪار ٿين ٿا، جڏهن ته غير اهل ماڻهو اهم عهدن تي پهچي وڃن ٿا. اهڙي صورتحال نوجوان نسل ۾ نااميدي پيدا ڪري ٿي ۽ محنت جي اهميت کي گهٽائي ٿي.

> تعليم ڪنهن به قوم جو مستقبل هوندي آهي. جيڪڏهن سنڌ پنهنجي ايندڙ نسلن کي عالمي مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي روايتي، غير مؤثر ۽ سياسي مفادن تي ٻڌل پاليسين کان ٻاهر نڪري عالمي معيارن مطابق شفاف، جوابده ۽ معياري تعليمي نظام قائم ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ اسان ڊگريون حاصل ڪندڙ ته پيدا ڪندا رهنداسين، پر علم، مهارت، تحقيق، اخلاق ۽ شعور کان محروم نسل پيدا ٿيندا رهندا.

**تعليمي بوردن جون ناقص پاليسيون**

سنڌ جا تعليمي بورڊ بنيادي طور امتحان وٺڻ ۽ نتيجا جاري ڪرڻ تائين محدود ٿي ويا آهن، جڏهن ته جديد دور ۾ انهن جو ڪردار ان کان گهڻو وسيع هئڻ گهرجي. تعليمي بوردن کي گهرجي ته: سڄو سال اسڪولن ۽ ڪاليجن سان رابطو رکن، نصاب جي مؤثر عملدرآمد جو جائزو وٺن، جديد اسيسمينٽ ۽ تشخيصي طريقا متعارف ڪرائن، استادن جي تربيت ۾ سهڪار ڪن، نقل جي خاتمي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪن ۽ شاگردن جي سکيا جي معيار بابت ساليانو رپورٽون جاري ڪن.

برطانيا ۽ آسٽريليا جهڙن ملڪن ۾ امتحاني ادارا رڳو امتحان نٿا وٺن، پر تحقيق، نصابي بهتري ۽ تعليمي معيار جي نگراني ۾ به اهم ڪردار به ادا ڪن ٿا.

جيڪڏهن سنڌ جي تعليمي صورتحال جو پاڪستان جي ٻين صوبن سان مقابلو ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته تعليمي مسئلا ملڪ جي ٻين حصن ۾ به موجود آهن، پر پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ ڊجيٽل مانيٽرنگ، اسڪول حاضري جي نگراني ۽ تعليمي جائزي جا ڪجهه جديد نظام متعارف ڪرايا ويا آهن، جن جا مثبت نتيجا سامهون آيا آهن.

بين الاقوامي سطح تي فِن لينڊ شاگرد مرڪوز تعليم، سنگاپور معياري تدريس، چين سائنسي ۽ فني تعليم، جڏهن ته جاپان اخلاقي تربيت ۽ نظم و ضبط جي حوالي سان دنيا لاءِ مثال آهن. انهن ملڪن تعليم کي رياستي ذميواري سان گڏ قومي مشن طور اختيار ڪيو آهي.


سنڌ ۾ تعليم جو ڪِرندڙ معيار ڪنهن هڪ فرد، استاد يا اداري جي ناڪامي نه پر سڄي نظام جي ڪمزورين جو نتيجو آهي. پرائمري سطح تي ڪمزور بنياد، نقل جي وبا، شاگردن جي غيرحاضري، والدين جي لاپرواهي، استادن جي محدود تربيت، رشوتخوري، ميرٽ جي لتاڙ ۽ تعليمي بوردن جي غير مؤثر پاليسين گڏجي تعليم کي بحران جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي.

استادن کان وٺي والدين، شاگردن، تعليمي بوردن، يونيورسٽين، سرڪاري عملدارن ۽ سماج جي بااثر طبقن تائين سڀني کي پنهنجيون ذميواريون ايمانداري ۽ ديانتداري سان نڀائڻيون پونديون. جيستائين سکيا کي امتحانن تي ترجيح نه ڏني ويندي، ميرٽ کي يقيني نه بڻايو ويندو، رشوتخوري جو خاتمو نه ڪيو ويندو ۽ احتساب جو مضبوط نظام قائم نه ڪيو ويندو، تيستائين تعليمي معيار ۾ حقيقي سڌارو ممڪن نه ٿيندو.

تعليم ڪنهن به قوم جو مستقبل هوندي آهي. جيڪڏهن سنڌ پنهنجي ايندڙ نسلن کي عالمي مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي روايتي، غير مؤثر ۽ سياسي مفادن تي ٻڌل پاليسين کان ٻاهر نڪري عالمي معيارن مطابق شفاف، جوابده ۽ معياري تعليمي نظام قائم ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ اسان ڊگريون حاصل ڪندڙ ته پيدا ڪندا رهنداسين، پر علم، مهارت، تحقيق، اخلاق ۽ شعور کان محروم نسل پيدا ٿيندا رهندا. ■

# چاڻ جي ٻوڏ ۾ ڊجيٽل شعور جي کوٽ: ڊجيٽل دور جي سڀ کان وڏي چيلينج

عرفان هارون



اسان هڪ اهڙي دور ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جنهن کي انساني تاريخ جو سڀ کان تيز رفتار ۽ سڀ کان وڌيڪ تبديلي آڻيندڙ دور چئي سگهجي ٿو، يعني ڊجيٽل انقلاب جو دور. هي اهو زمانو آهي، جنهن ۾ معلومات، رابطا، تعليم، واپار، سياست ۽ سماجي لاڳاپا سڀ ڪجهه ٽيڪنالاجيءَ جي چوڌاري گردش ڪري رهيا آهن. انٽرنيٽ، سمارٽ فونز، سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ۽ هٿرادو ذهانت انساني زندگيءَ کي غير معمولي سهولت، رفتار ۽ وسعت عطا ڪئي آهي. اڄ هڪ عام انسان چند سيڪنڊن ۾ دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ مان معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو، ماڻهن سان رابطو قائم ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي راءِ سڄي دنيا تائين پهچائي سگهي ٿو. پر هن غير معمولي سهولت سان گڏ هڪ نئون ۽ پيچيده چيلنج به سامهون آيو آهي، ۽ اهو آهي عوامي آگاهي ۽ ڊجيٽل شعور جي کوٽ.

گذريل سال يعني 2025 تائين انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن جو تعداد 5 ارب کان وڌيڪ ٿي چڪو هو. هر گذرندڙ ڏينهن سان لکين نوان صارف ڊجيٽل دنيا جو حصو بڻجي رهيا آهن. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي سڀ صارف هن ٽيڪنالاجي کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهن ٿا؟ بدقسمتيءَ سان جواب گهڻو ڪري ته نفي ۾ آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ جتي ڊجيٽل تعليم ۽ تربيت جو نظام مضبوط آهي، اتي صارف نسبتاً محفوظ ۽ باشعور آهي، پر ترقي پذير ملڪن ۾ صورتحال مختلف آهي، جتي ماڻهو بنا ڪنهن تربيت جي هن ڊجيٽل دنيا ۾ داخل ٿي رهيا آهن ۽ مختلف خطرن جو شڪار ٿي رهيا آهن. پاڪستان به انهن ملڪن مان هڪ آهي، جتي 120 ملين کان وڌيڪ ماڻهو انٽرنيٽ استعمال ڪري رهيا آهن، پر ڊجيٽل آگاهي جي سطح اڃا به گهٽ آهي ۽ ماڻهن جو وڏو تعداد فيڪ نيوز، آن لائين فراڊ ۽ سائبر خطرن کان ناواقف آهي.

هيءَ به هڪ اهم ۽ غور طلب حقيقت آهي ته، دنيا ڀر ۾ ڊجيٽل لٽريسي جي شرح هڪ جهڙي ناهي. ترقي يافته ملڪن ۾ اها شرح لڳ ڀڳ 80 کان 90 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي، جتي ماڻهو نه صرف ٽيڪنالاجي استعمال ڪن ٿا، پر ان جي مثبت ۽ محفوظ استعمال کان به چڱي ريت واقف آهن، جڏهن ته ترقي پذير ملڪن ۾ اها شرح وڏ ۾ وڏ 30 کان 50 سيڪڙو جي وچ تي آهي، جتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو اڃا تائين بنيادي ڊجيٽل مهارتن کان محروم آهن. ان واضح فرق کي "ڊجيٽل گيپ" چيو وڃي ٿو، جيڪو صرف هڪ ٽيڪنيڪل مسئلو نه پر هڪ گهري سماجي ۽ معاشي ورڇ جي علامت آهي. جيڪڏهن اهو فرق ساڳئي رفتار سان وڌندو رهيو ته مستقبل ۾ اهو نه صرف معاشي نابرابريءَ کي وڌيڪ گهرو ڪندو پر تعليم، روزگار ۽ معلومات تائين پهچ ۾ به سخت عدم توازن پيدا ڪندو، جنهن جا اثر سڌيءَ ريت ترقي پذير معاشرن تي پوندا.

جيڪڏهن پاڪستان جي ڊجيٽل استعمال جو تقابلي جائزو ورتو وڃي ته صورتحال نه مڪمل طور مثبت آهي ۽ نه ئي مڪمل طور منفي، پر هڪ گڏيل تصوير پيش ڪري ٿي. هڪ طرف پاڪستان ۾ انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جو استعمال تيزي سان وڌي رهيو آهي، نوجوان نسل فري لانسنگ، آن لائين تعليم، اِي ڪامرس ۽ ڊجيٽل اسڪلز ذريعي عالمي مارڪيٽ ۾ جڳهه ناهي رهيو آهي، جيڪو هڪ انتهائي مثبت رجحان آهي ۽ ان ڳالهه جي علامت آهي ته ملڪ ۾ ڊجيٽل معيشت جون بنيادون مضبوط ٿي رهيون آهن، پر ٻئي طرف ساڳئي ڊجيٽل ترقيءَ سان گڏ هڪ وڏو منفي پهلو به سامهون اچي رهيو آهي، جنهن ۾ فيڪ نيوز جو ڦهلاءُ، غير تصديق ٿيل معلومات جو شيئر ٿيڻ، آن لائين فراڊز، هيڪنگ، سائبر بليڪ ميلنگ ۽ سوشل ميڊيا جو غير ضروري ۽ غير ذميواراڻو استعمال شامل آهي.

> گذريل سال يعني 2025 تائين انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن جو تعداد 5 ارب کان وڌيڪ ٿي چڪو هو. ترقي يافته ملڪن ۾ ڊجيٽل تعليم ۽ تربيت جو نظام مضبوط آهي، پر پاڪستان ۾ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ 120 ملين کان وڌيڪ ماڻهن مان اڪثريت جي ڊجيٽل آگاهيءَ جي سطح تمام گهٽي گهٽ آهي ۽ ماڻهن جو وڏو تعداد فيڪ نيوز، آن لائين فراڊ ۽ سائبر خطرن کان ناواقف آهي.

اهڙي طرح پاڪستان جو ڊجيٽل منظرنامو هڪ اهڙي رستي تي بيٺو آهي، جتي هڪ طرف ترقي ۽ موقعا آهن، ۽ ٻئي طرف خطرا ۽ ڪمزوريون آهن. عالمي سطح تي صورتحال نسبتاً وڌيڪ منظم نظر اچي ٿي، ڇاڪاڻ ته ترقي يافته ملڪن ۾ ڊجيٽل قانون سخت آهن، ڊجيٽل تعليم نصاب جو حصو آهي، ۽ شهرين ۾ ڊجيٽل ذميواري جو شعور وڌيڪ ملي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ اتي ٽيڪنالاجي جو استعمال گهڻو ڪري مثبت ۽ منظم انداز ۾ ٿئي ٿو. ان جي برعڪس ترقي پذير ملڪن، بشمول پاڪستان ۾، ڊجيٽل ترقيءَ جي رفتار ته تيز آهي، پر ان سان گڏ شعور ۽ آگاهي جي رفتار اڃا پوئتي آهي، ۽ اهوئي خال مستقبل جي وڏن چئلينجز کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

ڊجيٽل دور ۾ عوامي آگاهي جو مطلب صرف معلومات فراهم ڪرڻ نه پر هڪ اهڙو شعوري نظام ناهڻ آهي، جنهن ذريعي فرد سمجهي سگهن ته ڪهڙي معلومات صحيح آهي ۽ ڪهڙي غلط، ڪهڙي شيءِ شيئر ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙي نظرانداز ڪرڻي آهي، ۽ پنهنجي ڊجيٽل زندگيءَ کي ڪيئن محفوظ بڻائڻو آهي. اڄ جي دور ۾ سڀ کان وڏو مسئلو معلومات جي کوٽ نه، پر معلومات جي زيادتي آهي، جنهن کي Information Overload چيو وڃي ٿو، جتي انسان ايتري گهڻي معلومات جي وچ ۾ الجهي وڃي ٿو، جو هو سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق نٿو ڪري سگهي. اهوئي سبب آهي جو فيڪ نيوز، افواهه ۽ غلط معلومات تمام تيزي سان پکڙجن ٿيون ۽ سماج ۾ بيچيني ۽ انتشار پيدا ڪن ٿيون.

ان تناظر ۾ گڏيل قومن جو منشيات ۽ ڏوهن جي روڪٿام وارو ادارو (UNODC) ۽ ٻيا بين الاقوامي ادارا ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته سائبر ڪرائم ۽ ڊجيٽل خطرن سان منهن ڏيڻ لاءِ ملڪن کي نه صرف سخت قانون پر عوامي آگاهي ۽ ڊجيٽل تعليم کي به فروغ ڏيڻو پوندو. گڏيل قومن مطابق "ڊجيٽل تحفظ ۽ سائبر سيڪيورٽي صرف حڪومتن جي نه پر سڄي سماج جي گڏيل ذميواري آهي، جنهن ۾ هر شهري جو باشعور هجڻ بنيادي شرط آهي."

جيڪڏهن اسان موجوده ڊجيٽل ماحول جو گهرو جائزو وٺون ته، ڪجهه وڏا خطرا واضح طور سامهون اچن ٿا. سڀ کان وڏو خطرو فيڪ نيوز جو آهي، جيڪا سوشل ميڊيا ذريعي لمحن ۾ لکين ماڻهن تائين پهچي وڃي ٿي. ٻيو وڏو خطرو سائبر ڪرائم آهي، جنهن ۾ آن لائين فراڊ، هيڪنگ، سڃاڻپ جي چوري ۽ مالي ڌوڪو شامل آهي. ٽيون اهم مسئلو پرائيويسي جو آهي، جتي صارفن جي ذاتي معلومات بنا اجازت استعمال ڪئي وڃي ٿي. چوٿون وڏو مسئلو نوجوانن جي ذهني صحت آهي، جتي سوشل ميڊيا جو وڌيڪ استعمال پريشاني، ڊپريشن ۽ ڌيان جي کوٽ جو سبب بڻجي رهيو آهي. پنجون وڏو مسئلو وقت جو ضايع ٿيڻ آهي، جتي نوجوان نسل جو وڏو حصو غير ضروري سرگرمين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪري رهيو آهي. اهي سڀ مسئلا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ڊجيٽل آگاهي هاڻي هڪ چوند نه پر ضرورت بڻجي چڪي آهي.

ان صورتحال ۾ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ڊجيٽل آگاهي جو اصل مقصد ڇا آهي؟ ان جو بنيادي مقصد هڪ اهڙو باشعور سماج ناهڻ آهي جيڪو نه صرف ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪرڻ ڄاڻي، پر ان کي ذميواري سان استعمال به ڪري. هڪ باشعور فرد نه صرف پنهنجي حفاظت ڪري ٿو، پر ٻين کي به محفوظ رکي ٿو. جيڪڏهن سماج ڊجيٽل شعور کان محروم ٿي وڃي ته اهو افواهن ۽ غلط معلومات جو شڪار ٿي وڃي ٿو، جتي ڪوڙ سچ کان وڌيڪ طاقتور بڻجي وڃي ٿو.

ان حوالي سان ڪجهه بنيادي اصول اهڙا آهن، جن تي عمل ڪرڻ هر شهريءَ لاءِ ضروري آهي:

سڀ کان پهريان هر فرد کي اهو سکڻ گهرجي ته هو ڪنهن به معلومات کي بنا تصديق جي اڳتي نه وڌائي، ڇو ته هڪ ڪوڙي خبر سڄي سماج ۾ انتشار پيدا ڪري سگهي ٿي.

ٻيو اهو ته پنهنجي ذاتي معلومات جهڙوڪ شناختي ڪارڊ نمبر، بينڪ اڪائونٽ جا تفصيل ۽ پاس ورڊز کي هر صورت محفوظ رکيو وڃي.

ٽيون اهو ته آن لائين پليٽ فارمز تي اخلاقي رويو اختيار ڪيو وڃي ۽ ٻين جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي.

چوٿون اهو ته مضبوط پاس ورڊز، محفوظ ويب سائيٽس ۽ غير معروف لنڪس کان پاسو ڪيو وڃي.

پنجون اهو ته سوشل ميڊيا کي صرف تفريح نه پر تعليم، تحقيق ۽ مثبت سرگرمين لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

سوشل ميڊيا اڄ جي دور ۾ هڪ اهڙي طاقت بڻجي چڪي آهي، جيڪا هڪ طرف علم، روزگار ۽ رابطن جو ذريعو آهي، ته ٻئي طرف غلط معلومات، نفرت انگيز مواد ۽ وقت جي ضايع ٿيڻ جو سبب به آهي. دنيا ڀر ۾ هڪ عام صارف روزانو لڳ ڀڳ 3 کان 4 ڪلاڪ سوشل ميڊيا تي گذاري ٿو، جنهن جو وڏو حصو غير ضروري سرگرمين ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو. نوجوان نسل خاص طور تي ان کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي.

ان تناظر ۾ تعليمي ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي. جيڪڏهن تعليمي ادارا جديد تقاضائن مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪن ته هو سماج ۾ وڏي مثبت تبديلي آڻي سگهن ٿا. کين نه صرف ڪتابي علم پر عملي زندگي ۽ ڊجيٽل دنيا جي چئلينجز لاءِ به تيار ڪرڻ گهرجي.


تعليمي ادارن جي ذميوارين ۾ سڀ کان اهم ڊجيٽل لٽريسي جي تعليم ڏيڻ، تنقيدي سوچ جو فروغ، اخلاقي تربيت، سيمينارن ۽ ورڪشاپس ذريعي آگاهي، ۽ عملي تحقيق ذريعي شاگردن کي حقيقي مسئلن سان جوڙڻ شامل آهي.

دنيا ۾ اڄ به ڊجيٽل نابرابري هڪ وڏو مسئلو آهي، جتي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ واضح فرق موجود آهي. پاڪستان ۾ به اها صورتحال موجود آهي جتي ٻهراڙي وارن علائقن جا شاگرد جديد ڊجيٽل تعليم کان مڪمل فائدو نٿا وٺي سگهن.

ساڳي طرح سائبر ڏوهه به تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. آن لائين فراڊ، هيڪنگ ۽ سڃاڻپ جي چوريءَ جهڙا مسئلا عام ٿي چڪا آهن. ڪيترائي ماڻهو لاعلمي جي ڪري انهن جو شڪار بڻجن ٿا. نوجوان ڪنهن به سماج جو قيمتي سرمايو آهن. جيڪڏهن هو ڊجيٽل دنيا کي مثبت انداز ۾ استعمال ڪن ته فري لانسنگ، آن لائين ڪاروبار ۽ عالمي روزگار جا بهترين موقعا حاصل ڪري سگهن ٿا، پر جيڪڏهن غير ذميواراڻو رويو اختيار ڪندا ته مسئلن جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

حڪومت ۽ پاليسي ساز ادارن جي ذميواري آهي ته اهي ڊجيٽل لٽريسي کي نصاب جو حصو بڻائين، سائبر قانون مضبوط ڪن، آگاهي مهم هلائن ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ان جون سهولتون وڌائين.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته، ڊجيٽل دور هڪ اهڙو انقلاب آهي، جنهن انسانيت کي بي شمار موقعا ڏنا آهن، پر انهن مان فائدو صرف تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن سماج باشعور، باخبر ۽ ذميوار هوندو. ■



# اڄوڪو انسان معلومات جي ٻوڏ ۾ پنهنجي اصليت وڃائي چڪو آهي


ڊاڪٽر محمد اشرف ميمڻ




انساني تهذيب جو سفر دراصل عقل ۽ شعور جي ارتقا جي ڪهاڻي آهي. تهذيبن جيڪي بہ موڙ ڪاٽيا آهن، تن جو سڌو سنئون لاڳاپو ان ڳالھ سان آهي تہ ڪنهن دور ۾ علم کي ڪيئن سمجهيو ويو ۽ عقل کي ڪيتري آزادي هئي. مورخن ۽ سماجي ماهرن انساني تهذيب جي هن فڪري سفر کي اونداهو دور (ذهني جستجو يا تحقيق جي زوال) يعني Dark Age، قرون وسطيٰ (Medieval Age)، جاڳرتا جو دور (Renaissance)، مذهب ۽ عقَل جي هم آهنگي وارو دؤر (Scholastic Age)، جديد دور (Modern Age) ۽ جديديت پُڄاڻا (Post-Modern Age) ۾ ورهايو آهي، پر جيڪڏهن اسان ان تاريخ جو گهرو مطالعو ڪريون تہ معلوم ٿيندو تہ اهي دور صرف تاريخي اصطلاح ناهن، پر اهي علم جي رواني (Flow of Knowledge) کي ڪنٽرول ڪرڻ جا مختلف هٿرادو رٿون هيون. هر دور جي هڪ مخصوص اشرافيا هئي، جنهن علم تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪرڻ چاهي.
علم گڏ ڪرڻ ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي انساني رويي کي سمجهڻ لاءِ ارڙهين صديءَ جي مشهور برطانوي فڪر پرست ۽ فلسفي؛ فرانسس بيڪن (Francis Bacon) هڪ لاجواب تمثيل پيش ڪئي هئي. هن انسانن جي علمي بصيرت کي ٽن جيتن: مک، ماڪوڙي، ڪوريئڙيءِ ماکي جي مک سان تشبيھ ڏني هئي. بيڪن جو چوڻ هو تہ ڪجھ ماڻهو مک (Fly) جهڙا هوندا آهن، جيڪي صرف گدلائي يا مٺاڇري شين تي ويهندا آهن ۽ علم جي ناليءَ تي صرف افواهہ. اڻ وزناتيون ڳالهيون ۽ سطحي معلومات ڦهلائيندا آهن، جنهن جو سماج کي ڪو فائدو ناهي ٿيندو. ٻيا ماڻهو ماڪوڙي (Ant) وانگر هوندا آهن، جيڪي صرف ٻاهران مواد گڏ ڪندا رهندا آهن (جهڙوڪ اڄ جو اهو شاگرد جيڪو انٽرنيٽ تان سڄو مواد ڪاپي ڪري ذخيرو تہ ڪري ٿو، پر پنهنجو عقل نٿو هلائي). ٽيون قسم ڪوريئڙو (Spider) جو آهي، جيڪو ٻاهران ڪجھ نٿي وٺي پر پنهنجي ئي اندر مان ڄار اڻي ٿو. هي اهي روايتي ۽ قديم فڪر جا ماڻهو هئا، جيڪي بغير ڪنهن تجربي يا مشاهدي جي، صرف پنهنجي ذهن جي خيالي مفروضن تي علم جا محل اڏيندا هئا.

> جديديت پُڄاڻا دور ۾ اسان معلومات تائين تڪڙو پهچون ٿا، پر معلومات کان دانائي تائين جو جيڪو سفر آهي، ان لاءِ انساني ذهن کي جنهن غور، فڪر ۽ وقت جي ضرورت آهي، اهو موجوده تيز ترين ڊيجيٽل سسٽم ۾ ميسر ناهي.

فرانسس بيڪن جي نظر ۾ سڀ کان اعليٰ رويو ماکي جي مک (Bee) جو آهي، جيڪا مختلف گلن مان رس چوسي ٿي، ان تي پنهنجي اندر ۾ پروسيس (عمل) ڪري ٿي ۽ ان کي هڪ مني، شفا بخش ماکي (حقيقي علم) ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿي.
موجوده دور جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ معلومات جي وهڪري جي رفتار انساني ذهن جي سوچڻ ۽ تجزيي ڪرڻ جي صلاحيت کان وڌيڪ تيز ٿي چڪي آهي. انساني ذهن کي جنهن معلومات مان دانائي (Wisdom) ڪڍڻي آهي، ان لاءِ ڪيس جيڪو وقت گهربل آهي، اهو ڪيس ملي ئي نٿو. نتيجي طور، اڄ اسان وٽ هڪ اهڙي آبادي موجود آهي جيڪا باخبر (Well-Informed) تہ آهي، پر صاحبِ علم (Knowledgeable) ناهي. سماج ۾ گهري علم جي کوٽ ٿي وئي آهي.
ان صورتحال کي سمجهڻ لاءِ علمَ جي فلسفي ۾ پيش ڪيل DIKW (Data, Information, Knowledge, Wisdom) ماڊل هڪ بهترين اوزار آهي. ان ماڊل مطابق علم جو سفر چئن مرحلن تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن ۾ اکر يا نشان (Data) ترتيب سان ملي ڪري معلومات (Information) بڻجن ٿا. جڏهن ان معلومات کي انساني تجربو ۽ تجزيو ملي ٿو تہ اهو علم (Knowledge) بڻجي ٿو، ۽ ان علم جو سڀ کان اعليٰ مرحلو دانائي (Wisdom) آهي، جتي انسان بصيرت سان فيصلا ڪري ٿو.
جديديت پُڄاڻا دور ۾ اسان معلومات تائين تڪڙو پهچون ٿا، پر معلومات کان دانائي تائين جو جيڪو سفر آهي، ان لاءِ انساني ذهن کي جنهن غور، فڪر ۽ وقت جي ضرورت آهي، اهو موجوده تيز ترين ڊيجيٽل سسٽم ۾ ميسر ناهي. موجوده سرمائيداراڻي ۽ سياسي نظام کي هلائڻ وارن لاءِ هڪ صاحبِ علم ماڻهوءَ کي پنهنجي اشارن (Manipulate) تي هلائڻ ڏکيو هوندو آهي، ڇو تہ هو سوال ڪري ٿو. ان جي برعڪس، رڳو باَخبر آباديءَ کي ميڊيا ۽ پروپيگنڊا ذريعي سولائيءَ سان پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو، ڇو تہ انهن وٽ معلومات تہ هوندي آهي پر ماکي جي مک وانگر ان جو گهرو تجزيو ڪري دانائيءَ جي ماکي بنائڻ جي صلاحيت ناهي هوندي.
تاريخي طور تي علم هميشہ هڪ ڪليت (Totality) يا مجموعي انداز (Holistic Approach) رکندو هو، جنهن کي فلسفي جي اصطلاح ۾ Synoptic Philosophy (جامع فڪر) چيو ويندو آهي، پر اڄ جو دور رڳو مخصوص مهارت يعني Specialization جو دور آهي، جنهن علم کي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري Reductionist (محدود يا مائڪرو) بڻائي ڇڏيو آهي.
ان جو واضح مثال اڄ جو ميڊيڪل سائنس جو ڊاڪٽر آهي. جيڪڏهن ڪو دل جو ماهر (Cardiologist) آهي، تہ ان وٽ توهان جي اک جو علاج ناهي. هن جي سامهون انسان هڪ مڪمل جاندار يا روح ناهي، پر رڳو هڪ دل ڪٽي هلندڙ مشين آهي. انسان جي حيثيت رڳو اها وڃي بچي آهي، جنهن حصي جو ڊاڪٽر وٽ علاج موجود آهي. علم جي انهن ٽڪڙن ۾ ورهاست انسان کان ڪائنات ۽ وجود جي جامعيت کسي ورتي آهي.
اسان علم يا فن ۾ ڪنهن بہ طرح سان مهارت (Specialization) جا مخالف ناهيون، پر الميو اهو آهي تہ هن مادي ڊوڙ ۾ انساني وجود مان مروت، احساس ۽ جذبا موڪلائيندا پيا وڃن. اڄ جو انسان پنهنجي مڪمل وجود سان تسليم ٿيڻ بدران، رڳو هڪ اوزار يا ذريعو بڻجي رهجي ويو آهي، هڪ اهڙو بي جان وسيلو، جنهن مان ڪو مادي ماهر (اسپيشلسٽ) پنهنجن پيشيوراڻن مقصدن يا ذاتي مفادن جي تسڪين حاصل ڪري سگهي. انسان جي پنهنجي حيثيت ۽ روحاني وجود هن نظام ۾ ڄڻ گم ٿي چڪو آهي.
هاڻوڪي دور ۾ معلومات جي تيز رفتار ۽ بي لغام وهڪري انسان کي هڪ عجيب تڪڙ واري نفسياتي ڪرب (Urgency Syndrome) ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هن بي چينيءَ اسان جي سماجي توازن کي جهنجهوڙي رکيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سماج نهايت حساس ۽ خطرناڪ موڙ تي اچي بيٺو آهي. غلط معلومات ۽ افواهن جي بنياد تي وڌندڙ انساني تشدد، بي گناھ قتل ۽ مارڻ جي ڌمڪين جا روزانو سامهون ايندڙ لڱ ڪانڊاريندڙ واقعا ان سماجي بيماريءَ جو چِٽو ثبوت آهن.
اسان مان اڪثر ماڻهن پنهنجي سماج ۾ ان دور جو مشاهدو ۽ تجربو ڪيو آهي، جتي هڪ پرائمري استاد صرف ٻار ڪونہ پڙهائيندو هو. اهوئي استاد حڪيم بہ هوندو هو، جيڪو جسماني بيمارين جو علاج ڪندو هو؛ اهوئي ڳوٺ جو اڳواڻ تي فيصلا ڪرڻ جي اهليت بہ رکندو هو؛ جمعي جو خطبو بہ اهوئي پڙهائيندو هو، نڪاح بہ پڙهائيندو هو تہ، ٻني ٻاري جي ماپ جو حساب ڪتاب بہ اهوئي ڪندو هو. اهو استاد پنهنجي ذات ۾ جامع فڪر جو هڪ زنده مثال هو، جيڪو زندگيءَ کي ٽڪڙن ۾ ڏسڻ بدران هڪ ڪليت طور سمجهندو هو. اڄ جي تمام گهڻي معلومات اسان کان اهو سادو، سچو ۽ جامع علم کسي ورتو آهي ۽ اسان کي معلومات جي ٻوڏ ۾ اڇايل ڇڏي ڏنو آهي. اڄوڪو انسان معلومات جي ٻوڏ ۾ پنهنجي اصليت وڃائي چڪو آهي ۽ جيڪو ڪجھ ڏيکاري ٿو، اهو رڳو سندس دٻايل خواهشن جو هڪ مصنوعي ۽ دفاعي اظهار آهي. ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اسان معلومات جي هجوم مان نڪري، ٻيهر عقل، فڪر ۽ دانائيءَ جي حقيقي علم ڏانهن رجوع ڪريون. ■



# هلندڙ سال ايشيا ۾ وڌيڪ برساتون پئجي سگهن ٿيون




صوفيہ قريشي




سال 2026 عالمي موسمي تاريخ جي
انهن مرحلن مان هڪ بڻجي رهيو آهي،
جتي مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ قدرتي
واقعا هاڻي الڳ الڳ حادثا نہ رهيا آهن،
پر اهي هڪ گڏيل موسمي نظام جي
تبديل ٿيندڙ حالت جا اشارا بڻجي رهيا
آهن. دنيا ۾ هڪ پاسي انتهائي گرمي
آهي، تہ ٻي پاسي طوفان. ڪٿي لينڊ
سلائيڊنگ آهي تہ ڪٿي سامونڊي
سطح ۾ واڌ ۽ ڪٿي برفاني علائقن ۾
غيرمعمولي گرمي آهي. اهي سڀ هڪ
ئي وڏي تصوير جا حصا آهن.
سائنسدانن موجب موجوده وقت ۾ عالمي
سراسري گرمي پد ۾ واڌ، صنعتي دور جي
پيٽ ۾ , لڳ ڀڳ 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ
جي حد کي ڇهڻ لڳي آهي. اهو صرف هڪ
انگ نہ آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ زمين جي توانائيءَ جو توازن بدلجي رهيو آهي.
سمنڊ وڌيڪ گرمي جذب ڪري رهيا آهن، هوا ۾ وڌيڪ گهمِ جمع ٿي رهي آهي ۽
موسمي نظام اڳ کان وڌيڪ غير مستحڪم بڻجي رهيو آهي.
ان تبديليءَ جي مرڪز ۾ هن وقت سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ ايندڙ عمل سپر
النينوآهي. النينو پئسفڪ سمنڊ جي وچولي ۽ اوير حصي ۾ پاڻيءَ جي غير معمولي
گرمائش سبب پيدا ٿيندڙ موسمي عمل آهي. عام حالتن ۾ اهو عمل هر ٻن کان ستن
سالن ۾ ظاهر ٿيندو آهي، پر هاڻي عالمي گرمي سبب ان جا اثر وڌيڪ پيچيده ۽
وڌيڪ طاقتور ٿيندا پيا وڃن.
2026 جي موسمي تجزين مطابق النينوجي اثر هيٺ ايشيا ۾ برساتون وڌيڪ غير
متوقع ٿي سگهن ٿيون. ڏکڻ ايشيا جي ڪجهه حصن ۾ برساتن ۾ 40کان 60 سيڪڙو
گهٽ ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. نتيجي طور زرعي ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ
ڪجهہ ملڪن ۾ فصلن جي پيداوار 8 کان 10 سيڪڙو تائين متاثر ٿي سگهي ٿي.
موسمي تبديلي صرف زمين جي گرمي تائين محدود نہ رهي آهي، پر ان جو سڀ کان وڏو
اثر هاڻي سمنڊن تي بہ ظاهر ٿي رهيو آهي. جڏهن دنيا ۾ گرمي وڌي ٿي تہ ان جو وڏو حصو
سمنڊ جذب ڪندا آهن. سائنسدانن موجب سمنڊ هر سال انسانن جي سرگرمين مان پيدا
ٿيندڙ اضافي گرميءَ جو لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو حصو جذب ڪري رهيا آهن. ٻڌڻ ۾ تہ اها
ڳالهہ سني لڳي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سمنڊ زمين کي وڌيڪ گرم ٿيڻ کان ڪنهن حد
تائين روڪين ٿا، پر حقيقت ۾ ان جو هڪ وڏو نقصان بہ آهي. جڏهن سمنڊ جو پاڻي وڌيڪ
گرم ٿئي ٿو تہ اهو ٿورو ڦهلجڻ شروع ڪري ٿو. يعني ساڳئي مقدار جو پاڻي وڌيڪ جاءِ
وٺڻ لڳي ٿو. ساڳئي وقت قطبي علائقن ۽ گليشيئرس جي برف بہ تيزيءَ سان ڳرڻ لڳي

> 2026 جي موسمي تجزين مطابق النينوجي اثر هيٺ ايشيا ۾ برساتون وڌيڪ غير
> متوقع ٿي سگهن ٿيون. ڏکڻ ايشيا جي ڪجهہ حصن ۾ برساتن ۾ 40کان 60 سيڪڙو
> گهٽ ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. نتيجي طور زرعي ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ
> ڪجهہ ملڪن ۾ فصلن جي پيداوار 8 کان 10 سيڪڙو تائين متاثر ٿي سگهي ٿي. اوير
> ايشيا ۾ سامونڊي گرمي، طوفانن جي شدت کي وڌائي رهي آهي. جاپان جي ويجهو
> ٿيندڙ طوفاني نظامن بابت ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ گرم سمنڊ طوفانن لاءِ وڌيڪ
> توانائي پيدا ڪن ٿا، جنهن سان هوا جي رفتار، برسات ۽ تباهيءَ جي شدت وڌي ٿي.

ٿي ۽ اهو اضافي پاڻي بہ سمنڊن ۾ شامل ٿيندو رهي ٿو. انهن ٻنهي عملن جي ڪري
سامونڊي سطح آهستي آهستي مٿي چڙهڻ شروع ڪري ٿي. سمنڊن تي هن وقت گهڻو
دٻاءُ آهي. معنيٰ سمنڊ هڪ ئي وقت ڪيترن مسئلن جو بار برداشت ڪري رهيا آهن.
هڪ طرف وڌندڙ گرمي، ٻئي طرف گدلاڻ، ٽئين طرف وڌيڪ مڇي مارڻ ۽ چوٿين طرف
پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ ڪيميائي تبديليون . اهي سڀ گڏجي سمنڊ جي قدرتي نظام کي ڪمزور
ڪري رهيا آهن.
عالمي رپورٽن موجب سامونڊي مڇين جا ذخيرا حدکان وڌيڪ استعمال هيٺ اچي ويا
آهن. مٿان وري سمنڊ ۾ پلاسٽڪ، صنعتي گند ڪچرو ۽ وڌندڙ گرمي گڏجي سامونڊي
حياتيءَ جي قدرتي توازن کي تبديل ڪري رهيا آهن.
موسمي تبديليءَ جي رفتار جو سڀ کان واضح اشارو انٽارڪٽيڪا مان ملي رهيو
آهي. ڏکڻ جو برفاني براعظم دنيا جو سڀ کان وڌيڪ ٿڌو، خشڪ ۽ تيز هوائن وارو
خطو آهي. هتي برف جي ٿلهي تهہ ڪيترن ئي هنڌن تي تمام گهڻي گهري آهي. ان
علائقي ۾ عام طور تي انساني آبادي نہ آهي، صرف سائنسدان وقتي طور تي تحقيق
لاءِ اتي اچي رهندا آهن.
تازن مشاهدن موجب ان براعظم ۾ سياري
دوران غير معمولي تبديليون ڏسڻ ۾ آيون
آهن. ڪجهہ علائقن ۾ گرمي پد عام
گرمي پد کان20 سيڪڙو وڌي ويو آهي،
جيڪو هن خطي لاءِ بلڪل غير معمولي
ڳالهہ آهي. عام حالتن ۾ هتي گرمي پد
تمام گهٽ هوندو آهي، پر هن ڀيري برف
جي سطح جي واضح گهٽتائي ۽ ڪجهہ
هنڌن تي ان جي ڳرڻ جو عمل تيز ترين ڏٺو
ويو آهي.
سائنسدانن جي رپورٽن مطابق ڪجهہ
ماپيل علائقن ۾ گرمي پد ايترو وڌيو ويو
آهي جو اهو تاريخي رڪارڊ کان بہ مٿي هليو ويو آهي. ان تبديلي جو هڪ وڏو سبب زمين
جي مجموعي گرميءَ ۾ واڌ آهي، جنهن کي سائنسدان عالمي موسم جي تبديلي سان
ڳنڍين ٿا. جڏهن گرم هوائون ڏکڻ جي برفاني علائقن تائين پهچن ٿيون تہ اهي برف جي
قدرتي توازن کي خراب ڪن ٿيون، جنهن سان برف جلد ڳرڻ لڳي ٿي.
برف جي تيزيءَ سان ڳرڻ سان، سمنڊ جي سطح آهستي آهستي وڌڻ جو خطرو پيدا ٿئي
ٿو. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو تہ دنيا جي ڪيترن ئي ساحلي علائقن تي ان جو اثر
پئجي سگهي ٿو، جنهن ۾ ٻوڏن جو خطرو بہ وڌي سگهي ٿو، تہ ٻڏڻ جو خطرو بہ.
انٽارڪٽيڪا جي برف جو تيزيءَ سان ڳرڻ عالمي سامونڊي سطح، سامونڊي وهڪرن،
ساحلي شهرن ۽ زراعت کي سڌو متاثر ڪري سگهي ٿو.
ساڳئي وقت اوير ايشيا ۾ سامونڊي گرمي، طوفانن جي شدت کي وڌائي رهي آهي.
جاپان جي ويجهو ٿيندڙ طوفاني نظامن بابت ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ گرم سمنڊ
طوفانن لاءِ وڌيڪ توانائي پيدا ڪن ٿا، جنهن سان هوا جي رفتار، برسات ۽ تباهيءَ جي
شدت وڌي ٿي.
انڊونيشيا ۾ ان بحران جو ڀيو ڇهرو سامهون آيو آهي. صرف ڪجهہ ڏينهن جي انتهائي
برسات ۽ لينڊ سلائيڊنگ سبب دنيا جي انتهائي ناياب ٽاپانولي اورنگ اوٽان جي رهائش
تباهہ ٿي وئي. رپورٽن موجب ڇئن ڏينهن دوران ڪجهہ علائقن ۾ 1000 ملي ليٽر کان
وڌيڪ برسات پيئي. نتيجي طور عالمي آبادي جو 7 سيڪڙو متاثر ٿيو. اهو واقعو
ڏيکاري ٿو تہ موسمي تبديلي صرف انسانن کي نہ پر حياتياتي تنوع کي بہ سڌي طرح
متاثر ڪري رهي آهي.
پاڪستان بہ ان عالمي تبديليءَ جي متاثر ٿيندڙ مرڪزي ملڪن ۾ شامل آهي.
پاڪستان جي موسميات کاتي جي اڳڪٿين موجب هلندڙ جون جي مهيني ۾ ملڪ ۾
گرمي پد، عام گرمي پد کان 4 يا 6 ڊگري سينٽي گريڊ وڌيل رهندو. جڏهن تہ سنڌ، ڏکڻ
پنجاب ۽ بلوچستان ۾ گرميءَ جي لهر ايتري شديد ٿي چڪي آهي جو اها انساني
برداشت کان ٻاهر آهي.
مٿئين طبقي ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو تہ پنهنجي گهرن ۾ بند ٿي وقت گذارين ٿا، پر
سوال مزدور ۽ هاري جو آهي. سوال ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ پورهيت جو آهي، سوال
ريڙهي واري جو آهي، جيڪو پنهنجا ٻار پالڻ لاءِ 50 ڊگري سينٽي گريڊ تي ڪم ڪري
پنهنجي زندگي داءُ تي لڳائي ٿو. سوال ان پاڄي وڪڻندڙ جو بہ آهي، جنهن کي پنهنجو
ڳاڏو ڇانو هيٺ لڳائڻ لاءِ شهرن ۾ وڻ نہ ٿو ملي، هو نتهڻ اس ۾ ويهن ٿا. اهڙي گرميءَ ۾
ڪم ڪندڙ عورتون توڙي مرد جلد ئي موت طرف وڌي رهيا آهن. سنڌ جي ڪيترن
ضلعن ۾ گرمي پد پنجاهہ کان وڌي چڪو آهي. ڪجهہ علائقن ۾ 52 يا وري 53 ڊگري
سينٽي گريڊ تي وڃي پهتو آهي.
گهڻي گرمي جا اثر پاڻيءَ جي دستيابي، فصلن جي پيداوار، انساني صحت، بجليءَ جي
استعمال، ۽ معاشي سرگرمين تي پئجي رهيا آهن. جيڪڏهن النينو جي شدت برقرار
رهي تہ پاڪستان کي هڪ ئي وقت گرمي، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ معمول کان گهٽ برساتن
جهڙين گڏيل چيلينجز کي منهن ڏيڻو پوندو. ■

# گهرَ، ٻاتين لاءِ ڪيترا محفوظ آهن؟

وسيع الدين جوڻيجو



دنيا ۾ عام طور "گهر" کي هڪ محفوظ جاءِ سمجهيو ويندو آهي. انسان جي اها فطرت آهي ته هو جيسيتائين گهرکان ٻاهر هوندو آهي، ته پاڻ کي غير محفوظ تصور ڪندو آهي، پر گهر ۾ اچي کيس محفوظ هئڻ جو احساس ٿيندو آهي. جيڪڏهن گهر اندر نظر وجهبي ۽ غور ڪبو ته گهر اندر ڪيترن ئي حادثن جي پيش اچڻ جا وڏا امڪان نظر ايندا. اهي امڪان ڪجهه جاين تي گهٽ ته ڪٿي وڏ نظر ايندا. مثلاً بورچيخاني ۾ گرم ڪاڏي يا ٻاهه سان سڙي وڃڻ، غسلخاني ۾ ترڪي ڪِري پوڻ، ڏاڪڻ تان ڪِرڻ ۽ ساهه ٻوساٽجڻ وغيره.

گهريلو حادثا اڪثر موتمار پڻ ٿيندا آهن. جن جو شڪار گهڻو ڪري ننڍا ٻار ۽ بزرگ ٿيندا آهن. آمريڪا جي نيشنل سيفٽي ڪائونسل جي انگن اکرن موجب آمريڪا ۾ 1999 کان 2024 تائين گهرن ۾ ٿيندڙ حادثن جي نتيجي ۾ 107,000 کان وڌيڪ جانيون ضايع ٿيون. جڏهن ته زخمين جو تعداد 3 ڪروڙن جي لڳ ڀڳ هئو. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ اجا تائين اهڙا انگ اکر نه ملي سگهيا آهن. جنهن جو سبب اهڙن حادثن جو رپورٽ نه ٿيڻ آهي. گهرن ۾ ٿيندڙ حادثن ۽ انهن کان بچاءَ لاءِ هيٺيان اپاءَ وٺڻ لازمي آهن:

## بورچيخانو:

بورچيخاني ۾ رڌ پچاءَ لاءِ باهه جو استعمال ٿيندو آهي ۽ اهو ڪم اڪثر عورتون ڪنديون آهن. باهه تي ڪم ڪرڻ دوران هميشه ڪاٽن جو لباس پائڻ گهرجي. پاليئيسٽر يا جارجيٽ جهڙا ڪپڙا باهه کي فوراً پڪڙيندا آهن. رڌي پڪي دوران هڪ ته وار کليل نه هجن ۽ مٿو رئي سان ڍڪڻ بجاءِ ڪنهن اسڪارف يا ٽوپيءَ سان ڍڪيو وڃي.

جيڪڏهن بورچيخاني ۾ گيس جا سلينڊر استعمال ڪيا ويندا هجن ته، هڪ ته اهي چلهه کان پرتي رکيا وڃن ۽ ٻيو انهن سان گڏ استعمال ٿيندڙ رٻڙ جا پائيپ وقتاً فوقتاً چيڪ ڪيا وڃن ته اهي ليڪ يا ڪمزور ته نه ٿيا آهن. رڌ پچاءَ جو ڪم ختم ٿيڻ شرط باهه وسائي ڇڏجي ۽ گيس جي چلهن جا وال فوراً بند ڪرڻ گهرجن. ٻارن کي باهه کان پري رکيو وڃي. جيڪڏهن بورچيخاني ۾ گيس جي بوءِ محسوس ٿئي ته لائيٽ يا پکي جو بٽڻ ٻارڻ کان اڳ ۾ دريون دروازا کولي ڇڏجن جيئن اندر گڏ ٿيل گيس ٻاهر نڪري وڃي ۽ گيس جا وال فوراً بند ڪجن.

## غسل خانو:

گهريلو حادثن ۾ هڪ وڏو انگ غسلخاني ۾ ٿيندڙ حادثن جو آهي. غسل خانن ۾ فرش تي اهڙيون ٽائيلون لڳايون وڃن جن تي ترڪڻ جو امڪان گهٽ ۾ گهٽ هجي. وهنجڻ دوران احتياط ڪيو وڃي ته صابڻ يا شيمپو فرش تي ڪِريل نه هجي. بزرگن کي وهنجڻ ۽ ڪپڙا مٽائڻ لاءِ ڪرسيءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.



تصوير آءِ جي مدد سان ٺاهيل

گهريلو حادثا اڪثر موتمار پڻ ٿيندا آهن. جن جو شڪار گهڻو ڪري ننڍا ٻار ۽ بزرگ ٿيندا آهن. آمريڪا جي نيشنل سيفٽي ڪائونسل جي انگن اکرن موجب آمريڪا ۾ 1999 کان 2024 تائين گهرن ۾ ٿيندڙ حادثن جي نتيجي ۾ 107,000 کان وڌيڪ جانيون ضايع ٿيون. جڏهن ته زخمين جو تعداد 3 ڪروڙن جي لڳ ڀڳ هئو. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ اجا تائين اهڙا انگ اکر نه ملي سگهيا آهن. جنهن جو سبب اهڙن حادثن جو رپورٽ نه ٿيڻ آهي.

## سمهڻ يا ويهڻ وارو ڪمرو:

اهڙن ڪمرن ۾ جيئن ته فرنيچر، جنهن ۾ کٽون يا پلنگ، ميزون، ڪرسيون ۽ ٻيو مختلف فرنيچر موجود هوندو آهي، جيڪو پڻ حادثن جو ڪارڻ بڻجندو آهي. اڪثر ننڍا ٻار انهن تي چڙهي ٽپا ڏيندا آهن ۽ ڪِري پوندا آهن. بعض اوقات فرنيچر جون ڪنڊون پڻ گهر ڀاتين لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيَنديون آهن. اهڙن ڪمرن ۾ خاص طور ننڍن ٻارن کي ٽپ ڏڪ کان روڪيو وڃي ۽ فرنيچر جي تيز ڪندن جي مرمت ڪرائي انهن کي محفوظ بڻائڻ گهرجي.

## ڏاڪڻيون:

ڏاڪڻيون اڪثر ڪري تمام خطرناڪ حادثن جو سبب بڻجنديون آهن. ڏاڪڻين تان لهڻ چڙهڻ دوران تمام گهڻو احتياط ڪرڻ گهرجي. غير ضروري سامان ڏاڪڻين تي نه رکجي، جيئن لهندي چڙهندي اهو پيرن ۾ نه وچڙي.

## 5) متفرق:

بجليءَ جي سامان جي استعمال دوران تمام گهڻو احتياط ڪرڻ گهرجي. اهڙن سامانن ۾ مناسب پلگ لڳل هجن. تارُن کي وقتاً فوقتاً چيڪ ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي سٺي ۽ حفاظتي حالت ۾ رکڻ گهرجي. بجليءَ جي ساڪيٽن تي انهن جي گنجائش مطابق وزن وڌو وڃي. جيڪڏهن ايڪسٽينشن بورڊ استعمال ڪرڻ جي ضرورت هجي ته اهو يقين ڪرڻ گهرجي ته اهي معياري هجن ۽ بجليءَ جو گهربل لوڊ آسانيءَ سان کڻي سگهن.

بيماري يا تڪليف ۾ دوائون ڊاڪٽر جي مشوري سان استعمال ڪرڻ گهرجن، چاڪاڻ جو بنا ڄاڻ جي، ڪجهه دوائون انسان لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿيون. گهر ۾ موجود دوائون، صفائيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ تيزاب، پٽرول، گاسليٽ ۽ ٻيا ڪيميڪل اهڙي جاين تي رکجن جتي ٻارن جي پهچ نه هجي.

بوٽ يا جوراب پائڻ کان اڳ ان کي چڱيءَ طرح چيڪ ڪيو وڃي ته انهن ۾ اندر ڪو جيت جڻيو ته لڪل نه آهي.

برسات جي موسم ۾ ڇتين ۽ انهن تي موجود نيسارن جي صفائي ڪئي وڃي جيئن برسات جو پاڻي آسانيءَ سان ڇت تان نڪري وڃي ۽ ڇت کي ڪو نقصان نه پهچي.

گهر ۾ موجود غيرضروري سامان گڏ نه ڪجي ۽ ان کي وقت سر نيڪال ڪرڻ گهرجي. اهڙي سامان ۾ نقصان پهچائيندڙ جيتن جي لڪڻ جو انديشو هوندو آهي.

ننڍن ٻارن ۽ عورتن کي حفاظتي تربيت مهيا ڪئي وڃي. گهر ڀاتين کي ويجهي اسپتال، فائربرگيڊ، پوليس اسٽيشن جا فون نمبر ياد ڪرايا وڃن، جيئن هو ڪنهن به ايمرجنسي واري صورتحال ۾ فوراً اتي رابطو ڪري سگهن. ■

# اسحاق مگريي کي ياد ڪيئن نہ ڪبو

زاهد اسحاق سومرو



سياسي فضا ۾ اڃا سوويت يونين نہ ٽٽڻ جا ڪکر باقي هئا. جاڳو اخبار تازو نڪتي هئي. فقير محمد لاشاريءَ جا تيز ڌار جهڙا تکا ايڊيٽوريل عام ماڻهن ۾ پڙهڻ جو رجحان وڌائي رهيا هئا. تہ هي سانگهڙ کان ان اخبار جو ضلعي رپورٽر طور ڪم ڪرڻ لڳو. پاڻ ڪاٻي ڌر جي سرگرمين کان ترقي پسند صحافت طرف مائل ٿيو هو. سندس صحافتي سفر ۾ ساڻس منهنجي ڪا گهڻي شناسائي نہ ٿي هئي، پر سندس اصولن جي هاڪ ضرور ٻڌبي هئي. پوءِ ستت ساڻس سلام دعا بعد دوستي ٿي ويئي.

> سانگهڙ ۾ هڪ ڪامورو "لفافي ڪلچر" کي وڌائي رهيو هو. سو ٻين صحافين سان گڏ هڪ لفافو اسحاق مگريي کي بہ موڪليائين. پوءِ هن ان ڪاموري جي جيڪا بي عزتي ڪئي ۽ ساڻس جٽ ڪيائين، سا اهو ڪامورو پاڻ پيو دوستن يارن کي ٻڌائيندو هو تہ. "غلطيءَ مان ان صحافيءَ کي لفافو موڪلي مون پاڻ سان ڏاڍي ڪئي."

سانگهڙ ۾ هڪ ڪامورو "لفافي ڪلچر" کي وڌائي رهيو هو. سو ٻين صحافين سان گڏ هڪ لفافو هن کي بہ موڪليائين. پوءِ هن ان ڪاموري جي جيڪا بي عزتي ڪئي ۽ ساڻس جٽ ڪيائين، سا اهو ڪامورو پاڻ پيو دوستن يارن کي ٻڌائيندو هو تہ. "غلطيءَ مان ان صحافيءَ کي لفافو موڪلي مون پاڻ سان ڏاڍي ڪئي."

ڪيترائي ماڻهو دنياداريءَ جي ناليءَ تي ڪنهن غيرمناسب جڳهہ تان بہ گذري وڃن ٿا، پر هن جو اتان ڪنهن بہ صورت ۾ گذر نہ ٿيو. هي اهڙي دنياداري کان بي نياز هو، جنهن ۾ سٽيو گره هجي، نرم آسائش هجي يا مراعات هجي. هن فقير منش صحافيءَ جي گودڙي صحافتي دنيا ۾ الڳ ۽ منفرد سڃاڻپ رکندي هئي. ان گودڙي ۾ سماج جي اٿل پٿل جا ڪيترائي راز ۽ رنگ، دنيا جي تاريخ ۾ متجنڊڙ ۽ ڏار ٿيندڙ ڍنگ، راڻين ۽ راڻن جي قصن کان ڪولهين توڙي مهاڻن جي دردن جا انگ ۽ تحقيقي صحافت جا جديد ۽ سونهرا سنگ پيل هوندا هئا. گڏ گڏ ملڪ جي سياست، نفسيات ۽ سماجيات جا حيران ڪندڙ واقعا پيا هوندا هئا.

ڪاڇي کان ٿر ۽ سکر کان جاتيءَ تائين سندس پورهئي جا نشان ڪنهن رئيس، جاگيردار يا ايم پي اي جي اوطاقن تي نہ، پر ڪاڙهي ۾ سڙندڙ جوهيءَ جي هارين توڙي جاتيءَ جي ڍنڍ ۾ مڇي ماريندڙ قاتل ڪپڙن واري مهاڻي جي ٽاڪن تي نظر ايندا هئا.

اهو سائين اسحاق مگريو هو. ڏينهن هجي يا رات، پنهنجي اسٽوريءَ جي آخري ڳنڍ کولڻ واري تجسس تائين ڪيس اڃ، بک ننڊ يا ٿڪاوٽ جي پرواهہ نہ هوندي هئي، پر هو تجسس کي توڙي ورِي پنهنجي لکڻيءَ ۾ تجسس رکي ڇڏيندو هو. جتن سان راتيون گڏ گذاري انهن کان ڄاڻ جا خزانا هٿ ڪندو هو.

اسحاق مگرئي سنڌي صحافت ۾ هڪ لهر پيدا ڪئي، جيڪا جديد تحقيقي صحافت جو شاندار مثال آهي، جنهن ۾ هن سنڌو ڊيلٽا جي تمر جي زوال کان وٺي ٿر جي ٻاٻيهي جي وفا تائين بہ لکيو. هيءُ پاڻ بہ تہ هن ڌرتيءَ جو ٻاٻيهو هو، جنهن پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪيو ۽ ٻاٻيهي وانگر ساهہ جي آخري گهڙين تائين ان سان جڙيل رهيو. سندس صحافتي پورهئي جو ڪمال اهو آهي جو سندس اسٽوريز ۽ لکڻين کي اڄ بہ پڙهبو تہ اهي سدا بهار ۽ خوبصورت لڳنديون.



هي باڪمال شخصيت زندگيءَ جو جيڪو ڪليل ڪتاب هئي، تنهن ڪتاب جي پهرين ۽ آخري صفحي تائين هڪ قدآور عمارت جي راس ٿيڻ تائين جو قصو آساني پڙهي سگهجي ٿو تہ هن قلم جو ڀرم رکڻ ڄاتو ٿي.

سائين اسحاق مگريو اهڙي مٽيءَ مان پيدا ٿيل انسان هو، جنهن پنهنجي اکين ۽ ڪنن جي شاهدين کي جيئن جو تيئن لکيو. انهن ۾ ذري جي بہ گهٽ وڌائي نہ ڪئي. هڪ ڀيري پاڻ روزاني ڪاوش طرفان سجاول ۾ منعقد ڪيل "ڪاوش ڪچهري" جي مانيٽرنگ لاءِ آيو. سموري ڪچهري رڪارڊ ڪندو ويو. ڪچهريءَ ۾ عبدالرزاق ميمڻ نالي همراهہ سجاول جي عدالت جي هڪ جج بابت ڌانهيندي الزام هنيو تہ. اهو جج رشوت خور آهي. رشوت وٺي ٿو. اتفاق سان ان جج وٽ سجاول جي ڪجهہ صحافين خلاف ڪيس بہ سالن کان هلندڙ هئا، جيڪي هڪ بااثر سياسي ڌر طرفان سياسي ڏمر هيٺ جڙتو ڪيس ڪيل هئا، ۽ اهي صحافي بہ سائين اسحاق مگرئي جا هم خيال ۽ ويجها دوست هئا.

اسحاق کي خبر بہ هئي تہ اهي صحافي هڪ ڏاڍ کي منهن ڏئي رهيا آهن. سو ان جج صحافين کي نياپو ڪيو تہ. سندس خلاف ٿيل شڪايت اخبار ۾ نہ اچي تہ. ايندڙ شنوائي تي سندن مٿان داخل ڪيس ختم ڪري ڇڏبا. صحافين سائين اسحاق مگرئي کي گذارش ڪئي تہ. جج خلاف شڪايت واري خبر نہ موڪليو تہ. اسان مٿان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ٿي ويندا. اسحاق سندن ڳالهہ ٻڌي، پر هن جج خلاف خبر جيئن جو تيئن لکي سيني جي سامهون اخبار کي فيڪس ذريعي موڪلي ڇڏي.

اسحاق سائين دل جو ايترو صاف هو، جيترا سندس ٺهڪ هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ مان اسان جي روبرو وقت جي هڪ بااثر وزير کي ڪريون ڪريون ٻڌائي ڇڏيندو هو. لوڪ ڏاهپ بابت سنو ڪم ڪيائين. ڪاش! سندس لکڻيون ڪتابن جي صورت ۾ سندس حياتي ۾ شايع ٿين ها. هاڻ بہ اهو بار دوستن جي ڪلهن تي اچي ٿو.

لطيف جو هي ڪاهوڙي، سائين اسحاق مگريو، پنهنجي عمر هڪ اينٿراپالاجسٽ طور گذاري ويو، پر سندس پيار هن ڌرتيءَ جي رنگن ۾ تيستائين موجود رهندو، جيستائين ڌرتيءَ جو هڪ رنگ بہ موجود رهندو. ■

# وڻن سان واسطو رکجو، هوا خوشبوءِ ٻڻجندي

ڪويتا ڪماري




"جيڪو ماڻهو هڪ وڻ پوکي ٿو، اهو رڳو پاڻ لاءِ نہ پر ايندڙ نسلن لاءِ بہ ساهہ کڻڻ جو سامان تيار ڪري ٿو."

اڄ جڏهن سنڌ سميت سڄي دنيا سخت گرميءَ جي لپيٽ ۾ آهي، تڏهن وڻن جي اهميت اڳ کان وڌيڪ وڌي وئي آهي. وڌندڙ گرمي، ماحولياتي گدلاڻ ۽ وڻن جي گهٽتائي انسانن لاءِ ڪيترائي مسئلا پيدا ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ وڻ فطرت جو اهو تحفو آهن، جيڪي نہ رڳو ماحول کي خوبصورت بڻائين ٿا، پر انسانن کي سڪون، صاف هوا ۽ ٿڌڪار پڻ فراهم ڪن ٿا. وڻ قدرت جي اهم نعمتن مان هڪ آهن، جيڪي ماحولياتي توازن، انساني صحت ۽ معاشي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. وڻ پکين ۽ جهنگلي جيوت لاءِ محفوظ رهائشگاهون پڻ مهيا ڪن ٿا. تنهن ڪري، پکين جي تحفظ ۽ فطرت جي خوبصورتي برقرار رکڻ لاءِ وڻن جي حفاظت ۽ وڌيڪ وڻ پوکڻ انتهائي ضروري آهن.

هونئن تہ هر وڻ جا پنهنجا فائدا آهن، پر نم جو وڻ منفرد خوبين سبب خاص حيثيت رکي ٿو. نم جي وڻ جو سائنسي نالو Azadirachta indica آهي، جيڪو هڪ سدابهار (Evergreen) وڻ آهي. اهو گرم ۽ نيم گرم علائقن ۾ گهڻو ملي ٿو، خاص طور تي پاڪستان، هندستان ۽ ڏکڻ ايشيا ۾. نم جي وڻ جا پن، ٽاريون، ٻج ۽ ڇوڏو، سڀ انسان لاءِ فائديمند آهن. نم کي قدرتي دواخانو سڏيو وڃي ٿو. ان جا پن مختلف بيمارين ۾ استعمال ٿيندا آهن. جڏهن تہ نم جي ڪاٺي ڏندن جي صفائي ۽ مضبوطي لاءِ استعمال ٿيندي آهي. نم جو تيل زراعت ۾ قدرتي جراثيم ڪش طور استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ فصلن کي نقصانڪار جيتن کان بچائڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

ماحولياتي لحاظ کان بہ نم جي تمام گهڻي اهميت آهي. هي وڻ هوا کي صاف ڪري ٿو ۽ گرميءَ جي شدت کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جتي نم جا وڻ هوندا آهن، اتي ماحول نسبتاً ٿڌو ۽ خوشگوار محسوس ٿيندو آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجي ٻارن کي فطرت سان بہ جوڙيون. کين وڻن جي اهميت بابت آگاهہ ڪريون ۽ هر سال گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ ضرور پوکيون. جيڪڏهن هر گهر، هر اسڪول ۽ هر پاڙو ڪجهہ وڻ پوکي تہ نہ رڳو گرميءَ جي شدت گهٽجي سگهي ٿي، پر ايندڙ نسلن لاءِ هڪ بهتر ۽ سرسبز ماحول پڻ تيار ٿي سگهي ٿو.

نم جو وڻ چمڙي جي ڪيترين ئي بيمارن جو علاج بہ آهي. نم ۾ اهڙا قدرتي ڪيميڪل آهن، جيڪي فنگس کي وڌڻ کان روڪين ٿا. ان ڪري نم جو تيل خارش ۽ چمڙيءَ جي ٻين بيمارين ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. سائنسي طور تي نم جا جزا جسم مان زهريلا مادا خارج ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا، جنهن سان رت صاف ٿئي ٿو ۽ چمڙي بهتر ٿئي. نم جو وڻ منهنجي لاءِ رڳو هڪ وڻ نہ، پر ننڍپڻ جي خوبصورت يادگيرين، سڪون، محبت ۽ فطرت جي قربت جي علامت آهي. اڄ بہ جڏهن مان پنهنجي ڳوٺ وڃان ٿي ۽ ان نم جي وڻ کي ڏسان ٿي تہ لڳندو آهي، ڄڻ وقت اتي ئي بيٺو آهي.





منهنجي ڳوٺ ۾ اسان جي گهر جي ٻاهران هڪ تمام وڏو، گهاٽو ۽ خوبصورت نم جو وڻ موجود آهي، جيڪو اڄ بہ پنهنجي جاءِ تي بيٺو آهي. اهو وڻ رڳو هڪ وڻ نہ پر منهنجي يادگيرين جو هڪ اهم حصو پڻ آهي. مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ. جڏهن اونهاري جون موڪلون ٿينديون هيون ۽ اسان ڳوٺ ويندا هئاسين، تڏهن سج جي تپش ايتري هوندي هئي، جو ٻاهر نڪرڻ بہ مشڪل لڳندو هو. هر طرف گرميءَ جو راڄ هوندو هو. ماڻهو گهرن ۾ بند هوندا هئا، پر منهنجا ڏاڏا جن هميشہ اسان ٻارن کي گهر جي ٻاهران بيٺل نم جي ان وڻ هيٺ سڏيندا هئا. هوا تي رکيل هڪ کٽ تي ويهندا هئا.


جڏهن اسان ان نم جي ڇانوَ هيٺ ويهندا هئاسين تہ لڳندو هو، ڄڻ ڪنهن ٻي دنيا ۾ اچي ويا آهيون. چوڌاري رڳو پکين جو مٺڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هئو. اڄ بہ جڏهن زندگيءَ جي ڊوڙ ۽ شهرن جي گوڙ ۾ ٿڪ محسوس ڪندي آهيان تہ منهنجي ذهن ۾ نم جي ان وڻ هيٺ گذاريل يادون تازي ٿي وينديون آهن. اهي يادون مون کي اهو احساس ڏيارين ٿيون تہ فطرت جي ويجهو رهڻ ۾ ئي اصل سڪون آهي. ■


# سال 2026 ۾ هيسيتائين چيپيل 10 بهترين ڪتاب


تحرير: ربيڪا لارينس ۽ لنڊسي بيڪر
مترجم : حبيب سنائي







## ڪئرو ڪليئر برڪ جو Yesteryear



ڪئرو ڪليئر برڪ جي هن پهرينتي ناول کي رسالي ووگ ”دليراڻو، چريائپ ڀريو ۽ هوشياريءَ سان لکيل“ قرار ڏنو آهي. هن سنسني خيز ناول ۾ نتالي نالي واري هڪ روايتي گهر ڌياڻي (Tradwife)۽ سوشل ميڊيا تي اثر انداز ٿيندڙ شخصيت، اوچتو پاڻ کي ماضيءَ واري ٽائي ۾ سال 1855ع ۾ هڪ پرندڙ ڳوٺاڻي گهر ۾ جاڳيل پسي ٿي. سگهوئي هن تي 19هين صديءَ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جون ڪٺن حقيقتون پڌريون ٿيڻ لڳن ٿيون. لاس اينجلس ٽائيمز موجب هيءُ ناول انسٽاگرام تي ڏيکاري ويندڙ زندگي ۽ حقيقي زندگيءَ جي وچ ۾ فرق کي چڀندڙ طنز ۽ ڪڏهن ڪڏهن دل ڏاريندڙ انداز سان پيش ڪري ٿو.“

”نتالي، ناول جي مکيه نائڪا، پنهنجي هلاڪ ڪندڙ طبيعت جي ڪري پسند جوڳي نه هوندي آهي، پر ان ئي سبب جي ڪري هوءَ وڌيڪ انساني ۽ حقيقي پاسي ٿي.“ هن ناول تي هڪ فلم پڻ ٺهي رهي آهي، جنهن ۾ اين هيٿوي پروڊيوسر ۽ اداڪارا طور شامل ٿيڻي آهي.

## بين لرنر جو Transcription



هن ناول ۾ هڪ انامر، وچولي وهيءَ وارو ليکڪ نيويارڪ کان روڊ آئليند جي شهر پرووبڊنس ڏانهن، پنهنجي نوي ورهين جي اڳوڻي گرو، مانائتي ليکڪ ۽ فلمساز ٿامس جو انٽرويو ڪرڻ لاءِ اسهي ٿو. جيئن ته ٿامس تازو ڪووڊ ۾ مبتلا رهيو هو، تنهنڪري وڏو ڌپ اهو آهي ته متان هيءُ سندس آخري انٽرويو بڻجي. بدقسمتيءَ سان انٽرويو کان ٿورو اڳ ئي ليکڪ جو موبائيل فون فرش تي ڪري ٽُٽي پوي ٿو، جنهن سبب هو محترم آرٽسٽ جون ڳالهيون رڪارڊ ڪرڻ کان محروم رهجي وڃي ٿو. ان کان پوءِ ناول ٽيڪنالاجي، قصا گوئي ۽ يادگيريءَ بابت گهري فڪري ويچار ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، جنهن کي گارجيئن ”پيچيده، شيطاني، ۽ ڪڏهن ڪڏهن حيرت انگيز حد تائين حقيقي“ قرار ڏنو آهي. جڏهن ته رسالي نيويارڪر موجب ”هن شاندار ۽ مسلسل نوان روپ ڌاريندڙ ناول ۾ ڪا به ڳالهه پنهنجي ظاهري صورت جهڙي ناهي؛ خاص طور لفظ ته هرگز ائين ناهن، جيئن پهرين نظر ۾ محسوس ٿين ٿا.“

## جان لانچيسٽر جو Look What You Made Me Do



لانچيسٽر جي هن گهڻي ساراهجندڙ پنجين ناول ۾ ڊوهه، وير، ڪدورت ۽ حق جتائڻ واري جذبن تي آڌاري هن بليڪ ڪاميڊي (Black Comedy)کي ٽائيمز ”خوش ڪندڙ ڪراهت سان ڀريل“ سڏي ٿو. ڪهاڻيءَ جا مرڪزي ڪردار ڪيٽ نالي هڪ مالدار عورت ۽ فِيبي نالي نوجوان اسڪرپٽ رائيٽر آهن. ٻنهي جي وچ ۾ دشمني تڏهن شروع ٿئي ٿي، جڏهن ڪيٽ کي هڪ مشهور ٽي وي سيريز ۾ پنهنجي ٽيهه سالن جي شاديءَ جا ذاتي رازن جا اولڙا نظر اچن ٿا. لٽري ريويو موجب ”هيءُ ناول عورتن جي دشمني، ۽ بدلي جي جذبن سان ٽمٽار آهي. هيءُ ناول مختلف ۽ مسلسل بدلجندڙ نقط نظرن جي رنگ برنگي عڪسدان kaleidoscopeوانگر آهي، جنهن ۾ ٽيڙن منظرنامن ۽ انتقامي حڪمت عملين کي نهايت هنر سان اُڻيو ويو آهي. مبصر جي خيال ۾ ”هي هڪ چمڪندڙ لاجواب بليڪ ڪاميڊي آهي.“

## ٽانا فرينچ جو The Keeper



ٽانا فرينچ هڪ وڏو وڪرو ٿيندڙ ليکڪ آهي، جنهن کي نيويارڪ ٽائيمز ”پراسرار موضوعن تي لڳاتار دلچسپ نموني لکندڙ ليکڪ طور“ بيان ڪري ٿو. هيءُ ناول سندس ٽن ڪتابي سلسلي (Trilogy)جو آخري حصو آهي، جنهن جو مکيه ڪردار هڪڙو رٽائر ٿيل آمريڪي پوليس آفيسر ڪئل هوپر آهي. جيڪو هڪ خيالي آئرش ڳوٺ آردناڪلٽي ۾ ڪنهن سازش ۾ جڪڙجي پيو آهي. جيئن ته هڪ نوجوان عورت جو لاش درياهه مان مليو ٿو، تنهنڪري هوپر کي ان ڪيس جي جانچ ۾ چڪيو وڃي ٿو. ڳوٺ جي پراڻين دشمنين، جهيڙن ۽ لڪل رازن جي وچ ۾ هو نه صرف قتل جي جاچ ڪري ٿو، پر ان ڳوٺ جي مستقبل بابت به سوچڻ لڳي ٿو. گارجيئن موجب هيءُ ناول ”ڳوڙهو، ترغيب ڏيندڙ ۽ شانائتو وايومنڊل رکندڙ ناول آهي.“


## جولين بارنس جو Departure(s)




جولين بارنيس پاران آخري قرار ڏنل پنهنجي هن مختصر ۽ سادي پلاٽ واري ناول ۾ سارونڻين ۽ فڪشن کي ملائي يادگيري، پوڙهائپ ۽ پيار کي ڦلهاريو ويو آهي. ناول جي هڪ ڌارا راوي جي دوستن اسٽيفن ۽ جين جي محبت آهي، جيڪي يونيورسٽيءَ جي زماني کان ئي هڪ ٻئي سان محبت ڪندا هئا، پر پوءِ جدا ٿي ويا ۽ هاڻي پوڙهائپ ۾ ٻيهر مليا آهن. ساڳئي وقت راوي پنهنجي زندگيءَ جي يادگيرين، پوڙهائپ ۽ محبت جي معنائن تي غور ڪري ٿو. رسالي ”د ائٽلانٽڪ“ جي لفظن ۾ ”ڊپارچر(س) هڪ الوداعي شاهڪار آهي، سڄو تفصيلي منصوبو هڪ طرح ڪمال تي پهچندڙ آهي، جيڪو هن جي ريشمي ۽ علمي نثر سان جرڪي رهيو آهي. دلپزير مٺاڄري هيٺ انساني دل جي پراسرار طريقن ۽ جذبن جي هڪ سنجيده ۽ مخلصاڻي کوجنا لڪل آهي.“ ■ هلندڙ


# هڪ اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ جادوگري آهي

فقير محمد ڍول



هن ڪتاب ڪي جادوگري سِکڻ جو ڪتاب ته نٿا چئي سگهون، پر درحقيقت آهي هن ۾ وڏي جادوگري، جيڪا به تمام گهڻي مهارت سان جُنيد اڪبر شاھ پيش ڪئي آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ هن جڻ ته ڪتاب پڙهندڙ کي چا مان چا بڻائي ڇڏڻ جا گُر ٻُڌايا ۽ سيکاريا آهن. تمام ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين ۾ به وڏا وڏا سبق ڏنا ويا آهن.
انساني سُلوڪ تي سموريءَ دنيا ۾ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. اسان وٽ به دنيا ۽ ادب مان انهن ڪتابن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيئي ترجما اڳيان اچي چڪا آهن. ڪيترن ليکڪن جي ته سُڃاڻپ ئي انساني سُلوڪ واري موضوع جي ڪري آهي. اهڙن ليکڪن ۾ ڊيل ڪارنيگي، سگمنڊ فرائيڊ، ڪارل راجرز، ڪئرن هورني ۽ شِو کيڙا وغيره شامل آهن. پر انهن سڀني مان اسان وٽ ڊيل ڪارنيگي مٿاهين حيثيت رکي ٿو ۽ هن جي ڪتابن وڏي ناماچاري ۽ پذيرائي ماڻي آهي. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ هن ڪان سواءِ هڪڙو ڪتاب نوجوان شاعر ۽ ليکڪ علي اظهار ترجمو ڪيو آهي، جيڪو "شِو کيڙا" جو لکيل آهي ۽ ان جو نالو "توهان ڪٽي سگهو ٿا" آهي. ان ڪانسواءِ 'لائنڊا فيلڊ' نالي ليکڪا جو هڪڙو ننڍڙو پاڪيٽ بُڪ "زندگي محسوس ڪيو" جي نالي سان پاءُ محمود مغل جو ترجمو ڪيل آهي. اهڙي طرح ٻيا به اردو ۽ سنڌيءَ ۾ انساني سلوڪ ۽ نفسيات جي موضوع تي ڪتاب پڌرا ٿيل آهن. پر سنڌيءَ ۾ انهن موضوعن تي بنهه گهٽ ڪم ٿيل آهي بلڪ طبعزاد ڪم يا ته ٿيوئي ڪونهي يا نه هجڻ برابر ٿيو آهي.
جنيد اڪبر شاھ تمام سادي اسلوب ۽ سادي ٻوليءَ ۾ هيءُ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هُن انساني سُلوڪ، احساس، قياس، نهٺائي، نوڙت ۽ نفسيات ڪان سواءِ ڪاميابي، ترقي ۽ بهتريءَ تي چاليهن ڪان مٿي پنهنجا طبعزاد ليک شامل ڪيا آهن ۽ ڪوشش ڪئي آهي ته ماڻهن کي ماڻهوءَ مان ڦيرائي 'انسان' بڻائجي. اُن کي ترقيءَ ۽ اخلاقي بلنديءَ ڏانهن ڪيئن وٺي وڃجي؟ ان ۾ انسانيت ۽ ماڻهپو ڪيئن پيدا ڪجي؟ ۽ جن ۾ آهي ٻئي وصفون موجود آهن ته، انهن وصفن ۾ واڌارو ڪيئن آڻجي؟ ۽ ترقيءَ جون واڌو منزلون ڪين ڪيئن طئه ڪرائجن؟



ان سان گڏ انسان کي پستي ۽ تنزليءَ واري گولَي مان ڪيئن ڪڍجي؟ منجهس اڳتي وڌڻ جو اُتساھ ڪيئن پيدا ڪجي؟ صبر ۽ سهپ ڪيئن سيکارجي؟ ۽ ڪيئن ڪيس ڏاڪي بهَ ڏاڪي اڳتي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ويچارڻ ڏي مائل ڪجي ۽ سندس صلاحيتن کي سندس ئي مٿان عيان ڪجي، انساني وصفن جي مٿس اُڪيل ڪجي، ته جيئن هُو پاڻ سُڃاڻي سگهي ۽ پنهنجي صلاحيتن جو ۽ پنهنجي حياتيءَ جو قدر ڪري سگهي _ ۽ سماجي ڀلائيءَ ۾ ڪو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي. ان لاءِ هن ڪتاب ۾ ڪافي ذاتي مشاهداتي چيزُن ۽ ڳالهين جو اظهار ڪيو ويو آهي، جيڪي پڙهندڙن ۾ انساني سگهه کي اُڀارڻ وارو عمل تيز ڪن ٿيون، جيڪي انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهين ٿيون ۽ ترقيءَ جي راھ ڏيکارين ٿيون.
منهنجي نظر ۾ جُنيد اڪبر شاھ جو هيءُ ڪتاب "چڳائيءَ جون چاليهه چاٻيون" مٿين سمورين ڳالهين، وصفن ۽ موضوعن جي ڪري هڪ منفرد ۽ جُداگانه ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي علم ۽ ادب ۾ اهم جاءِ والارڻ جي سگهه رکي ٿو. هن ڪتاب جي طاقت انسان جي اندر ۾ سمايل هر بُلنديءَ کي مٿس چِٽو ۽ واضح ڪري ٿي. مصنف کي هن اهم ڪاوش ۽ ان جي ڪتابي صورت ۾ پڌرائيءَ تي مبارڪون هجن.
هيءُ ڪتاب 'ڍول فقير فائونڊيشن' جي اداري 'امرتا پبليڪيشنس حيدرآباد' ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. 140 صفحن ۽ پڪي جلد واري هن ڪتاب جي قيمت ڇهه سؤ روپيا آهي. ■

# درد راحتون به آڻي ٿو

امر ساھڙ



سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪل شاعر سائين عباس عليءَ شاھ جي ڏوهٽي ۽ نئين ٿهيءَ جي نهايت ئي نرمل ۽ نياري شاعر سائين اياز رضويءَ تي هيءَ ڏانگڙن جهڙي ذات ناناڻڪيءَ نُڪَ طرفان عنايت ٿيل آهي، جنهن ڪيس پيدائشي شاعر ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي

**اياز رضويءَ جي ڪوتائن جي جمالياتي رنگينيءَ ۽ تخليقي جوهر ڪيس پنهنجي دور جي جديد شاعرن ۾ هڪڙي ڪامياب شاعر جي حيثيت سان سڃاڻپ ڏياري آهي. فني توڻي فڪري لحاظ ڪان غزل جي سگهارن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.**




جو هُو، پنهنجي منفرد ۽ معتبر شاعراڻي حيثيت سبب سنڌ جي جديد غزل گو شاعرن ۾ نمايان نظر اچي رهيو آهي. سندس گربي جهڙن غزلن ۾ خوبصورت خيالن جي ڪارڪ ڇديل آهي، ۽ اوچن پهاڙن تان گجگوڙ ڪري لهندڙ آبشارن جهڙو ردم ۽ رواني آهي.
اياز رضويءَ نه رڳو روائتي ۽ جديد غزل لکيا آهن، پر هِن ڪنهن زماني ۾ خوبصورت ڪلماتي غزلن ۾ به طبع آزمائي ڪئي هئي، جنهن ڪيس پنهنجي ٿهيءَ جي شاعرن ۾ انفراديت بخشي آهي.
تنهن ڪري بنا ڪنهن وڏاءَ جي چئجي سگهجي ٿو ته اياز رضويءَ جي ڪوتائن جي جمالياتي رنگينيءَ ۽ تخليقي جوهر ڪيس پنهنجي دور جي جديد شاعرن ۾ هڪڙي ڪامياب شاعر جي حيثيت سان سڃاڻپ ڏياري آهي. فني توڻي فڪري لحاظ ڪان غزل جي سگهارن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.
سندس غزلن ۾ تغزل جي تازگي ڪيس پنهنجي ٿهيءَ ۾ منفرد لهجي ۽ نئين اسلوب جو شاعر تسليم ڪرائي چُڪي آهي. سندس شاعريءَ جو مرڪز ته محبت ئي آهي، پر وطن جو رومانس سندس ڪُنوارين ڪويتائن کي ڪاري ٻانڊڻي ڀڙي ۽ ڪاڳڙن سان ڪَنجريءَ وانگر پاتل آهي.
بيشڪ رومانس سندس غزلن جو بنيادي مُحرڪ آهي، جيڪو نه رڳو محبوب جي مُکڙي جي مُرڪ ۽ ماڻي جي جهلڪ پسائي ٿو پر ساڳي وقت ڪارونجهر جي ڪورَ تي مينهوڳيءَ ۾ مورَ جي ٽورَ ۽ ٿهوڪا به ڏيکاري ٿو. هيءُ سُهڻو ۽ سيبتو شاعر هُئڻ سان گڏ هڪڙو سيڪيولر ۽ صوفي مزاج رکندڙ زنده دل انسان پڻ آهي، جنهن وٽان ٻيائي ۽ ٻهروپيت بدران ماڻهپوئي ملي سگهي ٿو.
"دَرد جون راحتون" سندس نکور شاعري (غزلن) جون ٽيون مجموعو آهي، جيڪو سامروتي پبليڪيشن ٿرپارڪر شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب سان رهاڻ ۾ ماڻهوءَ جو اداس روح ڌاپي ئي نٿو، جيستائين پورو ڪتاب پڙهي ختم نٿو ڪري، تيستائين اڪين جي اُڃ اُجهامي نٿي سگهيس. مظهر لغاري هڪڙي ڀيري چيو هو ته، "سنڌي لٽريچر ۽ شاعريءَ تي اڄڪلهه اهڙو وقت آيل آهي جو انهن ۾ مقصد ۽ لذت ٻئي لاپتا آهن."
پر آئون پوري يقين سان چوان ٿو ته جيڪڏهن مظهر لغاري، اياز رضويءَ جي غزلن جو هيءُ ڪتاب "درد جون راحتون" پڙهي ها ته هو پنهنجي راءِ ضرور تبديل ڪري ها. بهرڪيف جديد سنڌي غزل جي پاڙکُن لاءِ هيءُ ڪتاب ڪنهن شاندار سوکڙيءَ ڪان گهٽ ڪونهي. دعا آهي ته اياز رضوي جديد سنڌي شاعريءَ جي گلابي ڪنجري تي ههڙو حسين حُرمچ جهڙو پرت پريندو رهي.

"درد جي احساس کي وِڪٽي ڇڏيئي
دل جي هر آس کي وِڪٽي ڇڏيئي

پاڻ ڪڪرن جي حوالي ٿي وئين
چنڊ! اڄ آڪاس کي وڪٽي ڇڏيئي

دل ۾ هئي محفوظ خوشبو پيار جي
جو نشانيءَ خاص کي وڪٽي ڇڏيئي"

❊

اڄ سوچيم تنهنجي باري ۾
ٽر پهتس جڻ وسڪاري ۾

هر روز نڪرندي آ گوُارڻ،
کي سپنا وڪڻ ڪاري ۾

❊

هُن ڪئي آ هائو جهڙو
پيريءَ ۾ پٽ ڄائو جهڙو

هُن جو هر ڪو گُفتو اهڙو
ويراوھ جو مائو جهڙو

❊

هڪ رات جي حياتي
خيرات جي حياتي

تنهنجي حُسن وڏائي
هن ذات جي حياتي

لِيڪَن ڇڏي ورهائي
گجرات جي حياتي

❊

ڏانتن ۽ کُهاڙين جو شل ڪنڌ رهي اوچو،
جوڌن جو ڪڏهن، جيون ٻڻجي نه ڏڙهي جهڙو

❊

قدم قدم تي ڦُري لُٽي وئي
هيءَ سنڌ پوپي سَتي ٿا پانيون

❊

پارڪر جي ياترا تان هر دفعي
رنگ فطرت جا سوين روڙيون اچون

❊

تون اندر ابليس ويٺل آ تڏهين
هر ڪنهن آدم مان ٿي توکي ڏپ اچي

❊

ٿَنڌي مان نڪتي جهڏي هلي وئي
هُو دل جون آسون ٽُڏي هلي وئي

❊

ويٺي تولئي ڪوٺي آهيان
تنهنجي ڏاڏي پوٺي آهيان

تنهنجي جيون جي دامن جي
آئون ساجن اوٺي آهيان. ■

جاپان جو سفرنامو_ 5

# جاپان جو تاريخي شهر: ’نارا‘

قربان منگي

26 مارچ 2026 ع تي صبح جو شباب حيدر اسان وٽ آيو ۽ اسان کي ”نارا“ وارو تاريخي ماڳ گھمائڻ وٺي ويو. اتي مان رستي مان لائيو فيسبڪ تي اچي سنگت سان حال احوال ڪندو رهيس. تقريبن ڏيڍ ڪلاڪ جي ڊرائيو هئي. شباب حيدر هڪ سُلجھيل ۽ گھڻو خيال رکندڙ



نارا ۾ ملهه پهلوانن جي گروپ جو جاپاني نارين سان گروپ فوٽو



نوجوان هُيو، جنهن اسان کي اهو تاريخي ماڳ تفصيل سان گھمايو.
هتي هِڪُ وسيع باغ هيو، جنهن جي هڪ حصي ۾ نيشنل ميوزم هئي، جيڪا مرمتي ڪم سبب بند هئي. باغ ۾ ڪجھه دڪان به هُيا، جتان کاڌي پيتي جون شيون ۽ سوکڙيون پاکڙيون پئي مليون. باغ ٻن حصن ۾ ورهايل هيو. ان جي وچ ۾ ويڪرو رستو (روڊ) هيو. پارڪنگ لاءِ هڪَ جاءِ مخصوص ٿيل هئي. باغ ۾ هر طرف هرڻ ۽ ڦاڙها پئي گھميا. خوبصورت منظر هيو. ڪي سڱن وارا هرڻ هيا ته ڪي بنا سڱن وارا.
اتي ئي اسان سان به جاپاني مايون مليون. اهي ملهه پهلوانن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيون ۽ اسان سان اچي مليون. اسان کين ٻڌايو ته هي سنڌ، پاڪستان جا ”سومو پهلوان“ آهن. کين ملهه ۽ سومو جي حوالي سان سنڌ مان ڇپرائي آندل بروشر به ڏناسي، جيڪي ڏسي خوش ٿي ويون.
”نارا“ جي تاريخ تقريبن 1300 سال پراڻي ٻڌائي وئي. اهو شهَر ان زماني ۾ ”هيجوڪيو“ جي نالي سان مشهور هو ۽ 710 عيسويءَ ۾ قائم ٿيو هو. 794 عيسويءَ تائين رياست جي گاديءَ جو هنڌ رهيو، بعد ۾ گاديءَ جو هنڌ ڪيوٽو منتقل ٿيو هو. ”نارا“ انهيءَ عرصي ۾ جاپاني ثقافت، ٻڌمت روايتن ۽ سياست جو مرڪز هيو. هي شهر چيني تانگ خاندان جي گاديءَ جي نموني تي ٺهيل هيو ۽ اٺين صدي عيسويءَ ۾ يونيسڪو جي فهرست ۾ شامل مندرن ۾ هتان جو مندر به شامل هيو.
تاريخ ٻڌائي ٿي ته جاپان جي شهنشاهه جينميءَ شاهي گاديءَ کي ”نارا“ منتقل ڪيو هو. سندس مقصد هڪ مستقل گاديءَ جو هنڌ ٺاهڻ هو، پر پوءِ ايندڙ دؤرن ۾ گاديءَ جي هنڌن جي منتقلي ٿيندي رهي.
اٺين صدي عيسويءَ ۾ ”نارا“ ۾ چيني ثقافت کي اختيار ڪرڻ ۽ ٻڌمت جي پکيڙ جو دؤر عروج تي هيو. هتي مضبوط مندر تعمير ڪيا ويا، جن مان ”تودائي – جي“ مشهور آهي. ان ۾ گوتم ٻڌ جو هڪ وڏو ڪانسيءَ جو مجسمو به شامل هيو. ان ئي دؤر ۾ ادب ۽ فن جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ٿيو. ”ڪوجيڪي“ جي نالي سان (712 ع ڌاران) پهرين قومي تاريخ لکي وئي ۽ ”مانيو شيو“ جي نالي سان شاعريءَ جو قديم ترين مجموعو مرتب ڪيو ويو.
”نارا“ ۾ طاقتور ٻڌ خانقاهن جي اثر، شاهي خاندان سان تڪرار پيدا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ شهنشاهه ڪنمو 784 ع عيسويءَ ۾ گاديءَ جو هنڌ ناگوڪا ڪيو ۽ بعد ۾ 794 عيسويءَ ۾ هيان – ڪيو (ڪيوٽو) منتقل ڪيو. گاديءَ جي حيثيت وڃائڻ کان پوءِ به ”نارا “ هڪ اهم مذهبي ۽ تاريخي ماڳ رهيو. اڄ به يونيسڪو جي عالمي ورثي جي حيثيت ۾ ”زنده عجائب گھر“ طور سڃاتو وڃي ٿو.
شهر جي تاريخ درآمد ٿيل چيني اثرن جي مقامي جاپاني ثقافت سان ميلاپ سبب نمايان آهي ۽ جاپاني ثقافت جي جڙ طور سڃاتي وڃي ٿي. هتي قائم ٻڌ مندر ”تو ڊائيچي“ ۽ ”ڪوهفوڪو“ مذهب ۽ ثقافت جا مرڪز ليکيا ويندا هئا. بار بار موڪليل سرڪاري وفدن پاران چين کان مختلف ترقي يافته ثقافتن جي درآمد سبب اٺين صدي عيسويءَ ۾ ”ٽينپيو ڪلچر“ نالي هڪ امير بين الاقوامي ثقافت پيدا ٿي، جنهن سبب ٻڌ فن مجسمه سازي ۽ دستڪاريءَ جا نادر نمونا دريافت ٿيا ۽ جاپاني ثقافت جي ارتقا جا بنياد پيا.
2022 ع تائين ورلڊ پاپوليشن ريويو موجب ”نارا“ جي آبادي اندازن 367 353 آهي، جيڪا ان کي نارا پريفيڪچر جو سڀ کان وڏو ۽ هونشو جي ڪنسائي علائقي ۾ ڇهون نمبر وڏو شهر ٻڻائي ٿي. نارا، ڪيوٽو پريفيڪچر جي سرحد سان لڳندڙ نارا پريفيڪچر جي اترئين حصي ۾ واقع هڪ بنيادي شهر آهي. ”نارا“ جي تاريخ جي حوالي سان جاپان ۾ مختلف نظريا عام آهن، جيڪي ممڪن آهي ته ڏند ڪٿائن تي به مشتمل هجن. مشهور لوڪ ڪهاڻيڪار ڪوٽيويانا گيتا (1875 – 1962 ع) جو ٻڌايل نظريو گھڻو مقبول آهي.
”نارا“ جون مختلف ڪنڊون پاسا گھمي اسان شامَ جو علي جوهَر جي هوٽل (Ali’s Kitchen Osaka) پهتاسي. ٽوڪيو کان جهاز ذريعي اوساڪا پهتل قوالَ به اتي ئي اچڻا هئا. ٿوري دير ۾ قوالَ به پهچي ويا. هوٽل ۾ قوالن سان اسان جي اها پهرين ملاقات هئي. سيني گڏجي ماني کاڌي. هوٽل جي پٺيان ئي ڊائون ٽائون هيو. اسان اوڏانهن نڪري وياسي. ڊائون ٽائون ۾ Dotonbori Street(ڊوٽنبري اسٽريٽ) پهتاسين، جتي هزارين ماڻهو موجود هئا، پَر سَڀُ شانت، ڪو آواز ڪو نه هيو.



اوساڪا جي ڊائون ٽائون (Dotonbori Street)واري چوڪ تي ملهه پهلوانن جي وفد جو گروپ



گروپ ليڊر سعيد منگي ۽ گروپ ڪوآرڊينيٽر قربان منگيءَ جو اوساڪا جي ڊائون ٽائون (Dotonbori Street)واري چوڪ تي صابري قوال گروپ سان گروپ فوٽو.

پرسان ئي نديءَ جي مٿان پُل ٺهيل هئي، جنهن جي پرسان ئي تفريح گاهه هئي، جتي سوين ماڻهو، مرد، عورتون، ٻارَ موجود هئا. پل جي ٻنهي پاسي وري ٻيون پليون هيون. نديءَ ۾ ٻيڙيون هلي رهيون هيون. چوڌاري رنگين ۽ روشن آسمان سان ڳالهايون ڪندڙ عمارتون اڀيون بيٺيون هيون. پُل جي هڪ ڪنڌ تي ڊسڪو، بار ۽ ڪيسينو هئا. نوجوان هلا گلا ۾ مشغول هئا. ٻڌايو ويو ته سيئي پرباش لڳا پيا آهن، ان ڪري ساڻن ڪنهن به قسم جي ڊيگھه نه ڪئي سين.
اتي ئي آمريڪا مان فريد پيٽو جي فون اچي وئي. هُو تازو اوساڪا مان گھمي ويو هو. فريد چيو ته، ”اوساڪا ۾ هڪ سنڌو هوٽل اٿوَ، اتي توهان سڀ رات جي ماني کائو مان توهان ڏي 100 ڊالر موڪلي رهيو آهيان.“ مون جڏهن علي جوهر زيديءَ سان اها ڳالهه ڪئي ته هن چيو ته، هي اهوئي هوٽل ته آهي، مولويءَ وارو هوٽل، جتي پاڻ اڳ ماني کائي چڪا آهيون. بهرحال، اسان فريد جا ٿورا مڃيندي ساڻس معذرت ڪئي. اها ڳالهه جڏهن مون سنگت سان شيئر ڪئي ته محرم مجيداڻي چيو ته، ”ماني کائون يا نه، پئسا ته وٺوس ها نه.“ مون کلندي کيس چيو ته، فريد پيٽو منهنجو ذاتي ۽ ويجھو دوست آهي. ساڻس اهڙو حساب ڪتاب ئي ناهي. سندس مهرباني جو مانيءَ جي صلاح ڪيائين.
اسان گھمي ڦري رات دير سان پنهنجي ٺاڪَ تي وراياسي. ■

## غزل

### علي دوست عاجز



نہ ڪاٺو هو، نہ ڪو ڪاٺو ڏُکن جو!
اَلائي ڪهڙو هو ناتو ڏُکن جو...!

پٽيـنـديـون ٿـي ويـُون نـيـاٽـيـُون ۽ پـاٽـي،
لڳـي ويـو هـوسُـون، پـاراتـو ڏُکـن جـو!

ڏُکـن سـان بـي وَڍي تـون ايـئـن مِـلـيـن ٿـو،
ڪـنـيـو ٽِـيـڪـو رُڳـو ڇـا تـو ڏُکـن جـو...!؟

وِنـدُر ۾ جِـيـئـن ڏِنـيـُون ووڙُون ڀَـنـيـوريءَ،
ائـيـن تـو ڳِـيـچ پـئـي ڳـاتـو ڏُکـن جـو...!

( ڀَنيوري: ڀَنيور جِي رهندڙ، سسُئي ڏانهن اشارو
* وِندُر: لَس ٻيلي پاسي علائقو)

## وائي

### سائل پيرزادو



تنهنجي ياد جيان آهي،
اک ۾ هلڪو سُور
نند وساريا رستا آهن!
ڪيڏي آ ڳاڙهاڻ جڻ
هاريو آ سنڌُور
نند وساريا رستا آهن!
پربن پسڻ جو پل پل ۾
پيون پچائن پُور
نند وساريا رستا آهن!
حال وندڻ لئه آيو آ
چند بہ ڪيڏو ڏُور
نند وساريا رستا آهن!
عشق اليڙي تو 'سائل'
پر من مڙي نہ مُور ـــ
نند وساريا رستا آهن!

## نثري نظم

### وفا گولو



خودڪشي تڪي ڏار نہ آهي
نہ ئي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت
خودڪشي تہ روين جو زلزلو آهي
جيڪو دل جي تري ۾ ڄمي
سماج جي منهن تي ليڪا پائي ويندو آهي.

ـ

شاعر وٽ لفظ هئا
پر سندس هر لفظ ڪاغذ تي ساڙيل هو
هر جملو ائين ٽُٽل
جڻ ٻي گهر ماڻهو
هر نظم ائين
جيئن يتيم ٻار جي اک.

ـ

خودڪشي ڪا ذاتي چونڊ نہ آهي
اهو تہ ڳڏيل شعور جو گناهہ آهي
جتي هر هڪ ماڻهو
پنهنجي بي حسي جو ٿورو حصو رکي ٿو وڃي.

ـ

رت جا ڦڙا ڪاغذ تي پيا تہ لفظ ٻڏيا
۽ شعر شعوري سوال!
ڇا انسان پنهنجي ئي ٺهيل ديوارن ۾ قيد رهندو؟
ڇا رشتا رڳو شڪ جي زنجيرن سان ڳنڍيل رهندا؟
ڇا انصاف رڳو ڪتابن جي ڪنڊن ۾ وسري ويل لفظ رهندو؟

ـ

شاعر جي 'خودڪشي'
اصل ۾ سندس موت نہ هئي
پر سماج جي جيئري هجڻ تي وڏو سوال هئي.
ڇاڪاڻ تہ جڏهن حساس دل ختم ٿئي ٿي
تڏهن سماج پاڻ مري پوي ٿو.

ـ

هاڻي
ڪاغذ تي پيل لفظ پڇن ٿا:
"تون بہ زنده آهين
يا خودڪشيءَ جي طويل ڪيفيت ۾
آهستي آهستي مري رهيو آهين؟"

## غزل

### فقير قليو



ڪوئي سڏڪي سڏڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا
راهہ مسافر پيٽڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا

چڪيا هن خوب مزا جيون جا ميخاني ۾
مڏ جي پي ڪا سرڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا

لک شاباس هن کي آ جو دردن سان ٿو جهيڙي
ڪيڏو ڦٽڪي ڦٽڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا

شمع جتي پئي ٻرندي ات پروانا تہ ايندا
جگنو وانگي جرڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا

وقت فقير نہ 'قليا' هڪجهڙو ڪڏهين رهيو
روئي روئي مرڪي ٿو ٻاري ڏيئا رت جا.

## نظم

### آخري قبيلو

### آدرش امير جان



تُنهنجي ٻن اکين پويان
پيار جي ندي آهي
چنڊ جا لٽا پاٽل
او حسين شهزادي
ڪُل جُڳن جي ٻاشاهي
تو اڳيان ردي آهي ــ
هي ڪڪر بہ پنهنجا هن!
۽ گلن جي سيني تي
هي فتح جي نيشاني ــ
هي زمين تي چاول!
ڪافڪا جي ڇهري جا
هي سمورا ستَ ماڻهو
هي علم ۽ ٻوليءَ جي؛
داستان جي دنيا
هي ڪتاب خانا ۽
ڪِلَ جا زمانا ۽
۽ عظيم انسانن جي هٿن سان جوڙايل
خواب گهر بہ پنهنجا هن
پر انهن سان پنهنجائي
۽ پڙهڻ جو سڀ پورهيو
تُنهنجوئي وسيلو آ
تُنهنجو ناڻءُ ئي مُنهنجو
آخري قبيلو آ ـ

## هِن هفتي جي شاعره

# خالده سحر



## غزل

صبح شام شب جي پلن ۾ هلي آ
ڇڏي ڏيهہ منهنجي تون من ۾ هلي آ

ڪڪر چنڊ تارا سيارا پرين تون
سجو اپ ئي ويڙهي پرن ۾ هلي آ

وڇوڙو متائي وصل جون لڪيرون
وري ناهي منهنجي هٿن ۾ هلي آ

هوا تي لکيل گيت ڳائي ٿو پن پن
ٽيون گم ڪويل جي سرن ۾ هلي آئي

ڪارونجهر جيان سانت آهيان رهي مان
تي آواز منهنجو، چپن ۾ هلي آ

پڙل جان خيالن ۾ تنهنجي رهان ٿي
حصا جوڙ مڪمل پنن ۾ هلي آ

پکي بي سهارا ڪيا پيا وڄن سڀ
ٺاهيون گهر ٻيو تن لئہ وڻن ۾ هلي آ

*

ڏيک ماضيءَ مان وري آوارگي آ ياد آئي
ڪٽ گذاري ڪيئن گذري زندگي آ ياد آئي

ذهن آکيو، دل کي اندر منجهہ جلاوطني ڏني مون
روح کان ڪيڏي هئي بيگانگي آ ياد آئي

وقت جي ڪُنَ ۾ پيس ڦاسي ڪناري جي ئي ويجهو
ساهہ ڏيندڙ خواهشن جي خستگي آ ياد آئي

طلسماتي سال ارڙهن جي سحر ۾ اڄ بہ آهيان
موهہ ۾ پنهنجي ڪيل هر سادگي آ ياد آئي

## وايون

1

رنگ رتولا گل بہ هن
ٽيٽا زرد زوال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
هرٽيءَ جان هر موڙ تي
وقت هٽي پيو چال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
ميلي جهڙو ڏيهہ هي
ڏيڪاءَ جو پندال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
ماضي مستقبل ڇڏي
سرهو ڪر تون حال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
وقت وڏو آ قيمتي
هي نہ وڃائي مال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
شهرت دولت عارضي
وقتي گڏ آ پيال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
سچ جي صورت ڳول تون
ڪوڙ سڄو جنجال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
اڇٽي مور نہ لوڪ آ
موت اڳيان ڪا ڍال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ
ٽيٽو آخر آ مٽي
تنهنجو جاهہ جلال
ابدي رهڻو ناهي ڪجهہ

2

جڳ ۾ ٽيندو هيڪلو
حق جي جنهن کي هَيرَ
سچ جي قيمت آ ڳري
هيسائڻ لئہ حق کي
ڪوڙ وڄائي پير
سچ جي قيمت آ ڳري
رڻ ۾ رولي ٿو ڇڏي
ڪر تاريخي سير
سچ جي قيمت آ ڳري
ڪنڊا هاري راهہ ۾
دنيا رکندي وير
سچ جي قيمت آ ڳري
خوش ٽيندو ڪوڙو ڏسي
تنهنجا ڦٽيل پير
سچ جي قيمت آ ڳري
چاڙهيو ويندو دار تي
جاڳيل جو بہ ضمير
سچ جي قيمت آ ڳري
سقراط زهر پي ڪيو
ٻيهر سچ تعمير
سچ جي قيمت آ ڳري
لڳندو روز نئون اڇي
ڪيئن ڪتا ڪو تير
سچ جي قيمت آ ڳري
پاڳل ڪوٺي ڏيهہ هي
ڪندو روز اسير
سچ جي قيمت آ ڳري

■

## غزل

### عبدالله آس هنگورجو



ڪيڏي پياري لڳندي آهين
پايل پائي ايندي آهين

مونکي وڪريل وارن وانگي
روز سنواري ويندي آهين

تنهنجا ٽهڪ وڄ وراڪا هِن
ڪينچل ڪندي کلندي آهين

ٻارن وانگي ڪاوڙ تنهنجي
پل ۾ پرچي ملندي آهين

منهنجي من ـ نگر جي ڍنڍ تي
آڙي وانگي اُڏندي آهين

ڳالهہ وڇوڙن واري ٻُڌندي
آس اندر ۾ روئندي آهين.

# Disclosure Day


## فلم جيڪا سوال پيدا ڪري ٿي ته:

# ”ڇا مڪمل سچائي انسانيت کي گڏ ڪندي يا وڏيڪ ورهائي ڇڏيندي؟“



”ڊسڪلوزر ڊي“ (2026ع) اسٽيون اسپيلبرگ جي هڪ موهيندڙ سائنس فڪشن بلاڪ بسٽر فلم آهي، جيڪا هٽرادو ڏاهپ کان 25 سال پوءِ سندس هن صنف ڏانهن واپسيءَ جي نشاندهي ڪري ٿي. اسپيلبرگ پنهنجي مخصوص انداز، تيزرفتار عمل ۽ جذباتي گهراين سان هن فلم جي هدايتڪاري ڪئي آهي، جڏهن ته ان جو اسڪرپٽ ڊيوڊ ڪوئپ لکيو آهي. 146 منٽن تي مشتمل هي$ پي جي 13 فلم غيرزميني مخلوق جي انڪشاف بابت آهي.

ڪهاڻي جي شروعات ۾ ڊينيئل ڪيلنر (جوش او ڪونر) فرار جي حالت ۾ آهي. سندس پٺيان وارڊيڪس نالي هڪ پراسرار تنظيم لڳل آهي، جنهن جي اڳواڻي ٽڪ جو شڪار نوئا اسڪينلن (ڪولن فرٿ) ڪري رهيو آهي. ڊينيئل جي محبوبه جين (ايو هيوسن) يرغمال بڻيل آهي، جڏهن ته ڊينيئل وٽ اهڙا چوري ٿيل ثبوت موجود آهن، جيڪي پولاري مخلوق سان رابطن کي ظاهر ڪن ٿا. وارڊيڪس مان الڳ ٿيندڙ ڪجهه ماڻهن سان گڏ، جن جي اڳواڻي ڪرشماتي هيگو ويڪفيلڊ (ڪولمين ڊومينگو) ڪري ٿو، ڊينيئل ”ڊسڪلوزر ڊي“ جو منصوبو جوڙي ٿو: اهڙو عالمي انڪشاف، جنهن ذريعي غيرانساني ذهانت ۽ سرڪاري لڪائڻ واري سازش جا وڊيو ثبوت دنيا آڏو پيش ڪيا وڃن.



ان موقعي تي مارگريٽ فيئرچائلڊ (ايميلي بلنٽ) جو ڪردار سامهون اچي ٿو، جيڪا ڪينساس سٽي جي هڪ موسميات دان آهي. اوچتو ڪيس غيرمعمولي صلاحيتون حاصل ٿي وڃن ٿيون. هوءَ ماڻهن جي اکين ۾ نهاري سندن زندگين جون ڪهاڻيون محسوس ڪري سگهي ٿي، ۽ هڪ اهڙي پولاري ٻولي به ڳالهائي ٿي، جنهن کي رڳو ڊينيئل سمجهي سگهي ٿو. جيئن ئي ڪهاڻيءَ جا چار مختلف ڌارائون هڪ ڊگهي ۽ انتهائي خطري واري سنگم ۾ گڏ ٿين ٿيون، ته اسپيلبرگ فلم جي رفتار کي بنا وقفي تيز ۽ سنسني خيز رکي ٿو. يانوش ڪامينسڪي جي متحرڪ ۽ روان سئنيماٽوگرافي ۽ جان وليمز جي بلند آهنگ موسيقي فلم جي چڪتاڻ ۽ انساني جذبي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ٿا.

او ڪونر ۽ بلنٽ انهن هيروز جي ڪردارن ۾ نزاڪت، انساني ڪمزوري ۽ گهرايون آڻين ٿا، جيڪي پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ وڏيون ذميواريون نڀائين ٿا، خاص طور تي بلنٽ هڪ اهڙي ڪردار جي حيثيت سان نمايان نظر اچي ٿي، جيڪو پنهنجي ڪردار جي بار سبب اندروني ڪشمڪش جو شڪار آهي. ڊومينگو اخلاقي جتاءَ ۽ سڪون جي علامت طور سامهون اچي ٿو، جڏهن ته فرٿ رازدارين جي جسماني ۽ نفسياتي اثرن کي مؤثر انداز ۾ پيش ڪري ٿو. هيوسن ۽ وائيٽ رسل جا سهڪاري ڪردار پڻ مضبوط آهن.

ڪي مڪالما روايتي به آهن، ڪجهه ڪمپيوٽر گرافڪس ڪمزور لڳن ٿا، ۽ اسڪرپٽ جا ڪي حصا ضرورت کان وڌيڪ وضاحتي لڳن ٿا، تنهن هوندي به اهي لمحا به فلم سازيءَ جي ان طاقت بابت سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا، جيڪا جذبات پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

اسپيلبرگ قسمت، اختيار ۽ ڪنٽرول (جيئن مائنيريٽي رپورٽ ۾ ڏٺو ويو)، ايمان ۽ ان سوال کي به ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪري ٿو ته ڇا مڪمل سچائي انسانيت کي گڏ ڪندي يا وڌيڪ ورهائي ڇڏيندي. فلم جي جذباتي طور انتهائي طاقتور پڇاڙي ڪجهه حد تائين جذباتيت ڏانهن مائل آهي، پر آخرڪار اها اميد ۽ يقين جي اهڙي لهجي تي ختم ٿئي ٿي، جيڪو دي ايڪس فائلس جي روايت جي ياد ڏياري ٿو.

مجموعي طور ڊسڪلوزر ڊي هڪ موضوعاتي طور گهري، انتهائي وٽندڙ ۽ وندرائيندڙ توڙي ڪامياب فلم آهي، جيڪا هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري ٿي ته اسٽيون اسپيلبرگ اخلاقي پيچيدگين سان ڀرپور بلاڪ بسٽر فلمون تخليق ڪرڻ ۾ پڙ آهي. ■



# شڪيرا جو ورلڊ ڪپ سان جادوئي تعلق

ڪولمبيا جي جڳ مشهور ڳائڻي شڪيرا لاءِ فيفا ورلڊ ڪپ رڳو هڪ راندين جو عالمي ميلو نه، پر سندس ذاتي ۽ فني زندگيءَ جو هڪ اهم حصو پڻ رهيو آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن دوران ورلڊ ڪپ سان سندس وابستگي کيس نه رڳو عالمي موسيقي جي اوچائين تائين پهچايو، پر سندس زندگيءَ ۾ اهڙا يادگار موڙ به آندا، جن سندس مستقبل کي نئون رخ ڏنو. شڪيرا جو ورلڊ ڪپ سان تعلق 2006ع کان تڏهن شروع ٿيو، جڏهن هن آمريڪي موسيقار وائڪلف جين سان گڏ ورلڊ ڪپ جي حوالي سان پرفارم ڪيو. تڏهن به سندس اصل شهرت 2010ع جي فيفا ورلڊ ڪپ دوران ڳايل گيت ”واڪا واڪا “(This Time for Africa)سان جڙي ٿي، جيڪو نه رڳو ان ٽورناميںٽ جو علامتي گيت بڻيو، پر اڄ به ورلڊ ڪپ جي تاريخ جي سڀ کان مشهور گيتن مان هڪ لکيو ۽ ليکيو وڃي ٿو.

2010ع جو ورلڊ ڪپ شڪيرا جي ذاتي زندگيءَ ۾ به هڪ اهم موڙ ثابت ٿيو. ان ئي موقعي تي سندس ملاقات اسپين جي مشهور فٽبالر جيرارڊ پيڪي سان ٿي، جيڪا ملاقات بعد ۾ سندن محبت جي رشتي ۾ تبديل ٿي وئي. ٻنهي جي تعلق مان ٻن پٽن جي پيدائش ٿي، تنهن ڪري شڪيرا مذاق ۾ پنهنجن ٻارن کي ”واڪا ڪڊز“ سڏيندي آهي. سندس خيال ۾ جيڪڏهن ”واڪا واڪا“ نه هجي ها ته شايد سندس زندگيءَ جو اهو اهم باب به نه کلي ها.

شڪيرا 2014ع جي ورلڊ ڪپ دوران به موسيقيءَ جي دنيا ۾ پنهنجي موجودگي برقرار رکي ۽ ”لا لا لا “(Brazil 2014)نالي گيت پيش ڪيو. ان وقت هوءَ پنهنجي ٻئي ٻار سان ڳورهاري هئي، جنهن ڳالهه کي مداحن جلد ئي محسوس ڪري ورتو. اهڙي طرح هر ورلڊ ڪپ سندس زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن يادگار واقعي سان ڳنڍيل رهيو.

2026ع جي فيفا ورلڊ ڪپ ۾ به شڪيرا پنهنجي مداحن کي نئون تحفو ڏنو. هن نائجيرين ڳائڻي برنا بواءِ سان گڏ ”دائي دائي“ نالي گيت پيش ڪيو، جنهن ذريعي هن هڪ ڀيرو ٻيهر ورلڊ ڪپ جي عالمي جشن ۾ موسيقيءَ جا رنگ پريا ويا. شڪيرا جو چوڻ آهي ته ورلڊ ڪپ مختلف قومن، ثقافتن ۽ ٻولين جي ماڻهن کي هڪ پليٽفارم تي آڻڻ جو منفرد موقعو فراهم ڪري ٿو. سندس نظر ۾ هي رڳو فٽبال جو مقابلو نه، پر عالمي يڪجهتي، خوشي ۽ گڏيل انساني جذبن جو اظهار آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ ڏسجي ته فيفا ورلڊ ڪپ شڪيرا لاءِ رڳو هڪ فني ميدان نه رهيو آهي، پر اهو سندس محبت، خاندان، ماءُ ٿيڻ جي سفر ۽ عالمي سڃاڻپ سان به گهرو تعلق رکي ٿو. شايد انهيءَ ڪري هوءَ هر ورلڊ ڪپ کي پنهنجي زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ جادوئي باب طور ياد ڪري ٿي. ■